پهاڪن جي پيڙهه

ناهيل

مسٽر پيرومل مهرچند

.١ آپ نہ پالي، پالي ڏوُن،
چوهر ڄائو، ڏڪان ڏوُن/ نون.

بنياد:

ڪنهن جتڪي گهر ۾ هڪڙو جوان مڙس هو، سو نڪمو رلندو پنندو وتندو هو. تنهنڪي ڄڏهن پٽ ڄائو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو. اهو ڏسي اُن گهر جي هڪڙيءَ پوڙهيءَ زال، ڪيس مهٽي طور چيو: ”تون خوش ٿيو آهين پر تنهنجا حال اُهي جو پاڻُ نہ تو پالين سو ٻيو ڪٿان پاليندين؟ چوڪر ڄائو آهي تہ تنهنجا ڏک ڏوٽا ٿيا يا وڌيا.“

جي ”ڏون“ بدران ”نون“ چئجي تہ چوڪر ڄائو آهي ڏکن ڪاڻ تہ اها معنيٰ بہ نهي ٿي. پر ”ڏڪان ڏون“ چوندو ٻڌيو ويو آهي. (ڪوڙو مل چندن مل)

نوٽ: چوهر يا چهر يعني چوڪر.

پيٺيو: پاڻ نہ پاري، ڪتا ڏاري.

.٢ آج نہ ديڪا لال، تو ڪل ديڪون گا.

بنياد:

ڪي موالي، قلندر لعل جي زيارت تي وڃڻا هئا. گهر کان نڪرڻ کان اڳ، هڪ چيو: ”ادا، چلم ڀريو تہ اڳو پوءِ سُوٽو هٽي پوءِ پنڌ پئون.“

هنن پوءِ گانجي يا چرش جي چلم ڀري سُوٽون هنيون تہ سيني کي نشو ٿيو ۽ اتي ئي سمهي رهيا. ٻئي ڏينهن بہ ائين ڪيائون ۽ پوءِ بہ روز روز سوٽون هٽي سمهي پوندا هئا ۽ چوندا هئا تہ: ”آج نہ ديڪا لال تو ڪل ديڪون گا.“

هي پهاڪو سست ماڻهن سان لڳائبو آهي پر سياڻن جو قول آهي تہ: ”اڄ جو ڪم سڀان تي نہ وجهجي.“

پيٺيو: ترت دان، مها پج.

.٣ آڌا چوُڙا، آڌا ٻورا، مال ڪوڙا، مراد پوُرا.

بنياد:

ڪنهن مائيءَ پنهنجي ٻانهينءَ لاءِ عاج جي ڳُتي، پنهنجي آڌو ويني چيرائي. چوڙيگر دستور موجب، ڳُتيءَ جا چوڏا لاهي پوءِ وينو ٻانهين چيرڻ. مائيءَ ڏنو تہ هڪ هڪ چوڙي چيرجڻ کان اڳ، ٻورو تمام گهٽو ٿو نڪري، سو چوڙيگر کي چيائين: ”ڏس تہ هيتري ٻوري نڪرڻ ڪري ڪيترو نہ عاج زيان ٿو ٿئي.“

چوڙيگر تنهن تي اهو پهاڪو چيو.

جنهن جو مطلب آهي تہ عاج جي ڳُتيءَ مان، اڌ نڪري چوڙو، اڌ نڪري ٻورو، مال سڄو ڪوڙو آهي. پر پائيندڙ جي مراد پوري ٿي ٿئي.

مراد تہ ٻانهين پائڻ پئسي جو زيان آهي.

.۴ آنڌ بہ ڪاٽي، مانڌ بہ ڪاٽي، ڪاٽي اسان جي ڏڳي،
وڃي چوٗ امڙ کي: ”آءٌ بہ گهٽن کي گڏي.“

بنياد:

هڪڙي ڪاٽي چوڪريءَ کي سندس مائٽن پرڻايو، پر ماڻس کي ڏاڍي ڳُڻتي هئي تہ هن کي ساهرين گهر ”ڪاٽي، ڪاٽي“ ڪري نہ چيڙائين. چوڪريءَ پوءِ ساهري گهر وڃي ڏٺو تہ: نٽان بہ ڪاٽي تہ ڏيرياٽي بہ ڪاٽي. اهو تہ نهيو

پر ساهري در تي جيڪا ڊگهي بيني هئي سا بہ ڪاٽي هئي. هيءُ حال ڏسي، چوڪريءَ ڪي منهن ۾ پاٽي آيو ۽ ماءُ جي دل کي ڏيرج ڏيڻ لاءِ، مٿيون پهاڪو نياپي طور، پنهنجي ڪنهن پيڪي پهر هٿان چوائي مڪائين.
”آنڊ ۽ مانڊ“ سندس ٺٽان ۽ ڏيرياٽيءَ جا نالا هئا.
پيٽيو:
1- جهڙي چالي، تهڙي پني.
2- جهڙا روح، تهڙا ختما.

۵. آٽيون ۽ چاڙهيون ڏٽ ڏهاڙي سومرا.

هيءُ تڪ اصل شاهہ جي رسالي مان ورتل آهي. جنهن ۾ آهي تہ:

آٽين ۽ چاڙهين، ڏٽ ڏهاڙي سومرا،
صفا ڪيو سيد چوي، سائون سڪائين،
منجهان لنب لطيف چوي، چانور ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نہ پاڙين، عمر آراڙيءَ سين.

هيءُ پهاڪو، انهيءَ معنىٰ سان ڪم آڻبو آهي تہ گهر ۾ پئسو رکيل ڪونهي يا اسين غريب آهيون. جڏهن چار ڏوڪڙ ڪمائي اچجن تڏهين گذران ٿئي.

٦. آهِ غريبان، قهر خدائي.

هيءُ اصل هينئين پارسي مثل جي تڪ آهي.

آهِ غريبان، قهر خدائي،
دعاءِ درويشان، رحمِ الاهي.

يعني غريبن جي پٽ، ڏٽيءَ جي ڪاوڙ ۽ درويش جي دعا، خدا جو رحم. مراد تہ ڪنهن سان ظلم نہ ڪجي پر سيني جي دعا ڪٽجي. جڏهن ڪو ڪنهن سان ظلم يا ڪُنياءُ ڪندو آهي، تڏهن هن ۾ ڏٽيءَ جي ڊپ جاڳائڻ لاءِ ائين چوندا آهن. چو جو صاحب جي سرڪار ڏاڍي آهي؛ ظلم قائم آهي پر ڪندڙ قائم نہ آهي.

٧. آيا مير، پڳا پير.

اصل هندي: آئي مير، پڳي پير.
بنياد:
امروهہ جي شهر ۾ شيخ سدو نالي هڪ شخص ٿي گذريو آهي، جنهن کي ميران جي بہ ڪري سڏيندا آهن. هو اصل ڪيتيءَ جو ڪم ڪندو هو ۽ هام هٽندو هو تہ آءٌ علم تسخير مان واقف آهيان. هڪڙي ڏينهن، هر ڪيڙيندي هڪ چؤمکو ڏيئو، ڪنهن آڳاٽي جادوگر جو، هٿ اچي ويس. ڏيئي ۾ اها ڪرامت هئي تہ ٻارجي تہ چار جن، يڪدم اچي خدمت ۾ حاضر ٿين. ميرانجيءَ، پهريون پيرو اهو ڏيئو ٻاريو ۽ جن آيا تہ هو ڪين ڏسي ڏاڍو ڊنو ۽ ڦوڪ ڏئي، ڏيئو گل ٿي ڪيائين پر جنن چيس تہ: ”جيسين اسان کي ڪو ڪم نہ چوندين تيسين اسين ڪين ويندا سين.“
هن پوءِ جيڪو ڪم ٿي چين، سو اک-ڇنب ۾ ڪري پئي آيا. آخر چيائين تہ: ”فلاڻي ملڪ ۾ هڪ عورت ڏٺي اٿم، اها وٺي اچو.“
جنن گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ اها مائي حاضر ڪئي. هو پوءِ هن جي ويجهو ٿي ويو تہ جنن چيس تہ: ”اسين ٻچڙن جا مٽ نہ آهيون. تنهنڪري پاڻ سنڀال! نہ تہ اسين تو کي موت مارينداسون.“
ميران جي پهريان ڊنو پر پوءِ پؤ پڳس، جو ڏٺائين تہ هي وري بہ پنهنجا خدمتگار آهن. چوندا آهن تہ: ”ڳوہ کي ڪٽي ڪٽي تہ شڪارين جا گهر ڳولي.“ هن کي بہ ڪٽيءَ ڪنيو، سو هن عورت جي ويجهو ويو. جنن نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تم، اتي جو اتي تڙيءَ تي ئُهن ڏيئي پورو ڪري ڇڏيائونس.
ميرانجيءَ اهو هڪڙو ڪچو ڪم ڪيو نہ تہ ڏيئي جي وسيلي گهڻا خير جا ۽ ڪرامت جهڙا ڪم ڪيائين. جنهن

ڪري ماڻهن هن کي ولي سمجهي هن جي درگاهه ناهي ۽ اڄ تائين امروهه ۾ قائم آهي.
چون ٿا تہ: ميرانجي هاڻ بہ اتي جي ماڻهن خصوصًا زالن ۾ اچي واسو ڪندو آهي. جهڙو زين خان، ننهي ميان ۽ بيا، پر اهي سڀ ميرانجيءَ کان گهٽ ليکبا آهن. تنهنڪري چون تہ: جڏهن مير اچي، تڏهن بيا پير پڄيو وڃن.
هاڻ پهاڪي جي معنيٰ اها ٿي رهي آهي تہ جڏهن وڏا اچن، تڏهن ننڍا ٽري پاسو ڪن يا پڄي وڃن. (فعلن)
پيٽيو:
ڪوئن ڏني ٻلي، دلڙي ٿين ڍلي.
ڏکيا لفظ:
علم تسخير معنيٰ جادوءَ جي علم.
مير معنيٰ ميرانجي.
وڏا معنيٰ مائٽ يا حاڪم يا ڏاڍا مڙس.
ننڍا معنيٰ ٻار يا زيردست يا هيڻا.

٨. ابو گسي، ڏيءَ وسي.

بنياد:
هن پهاڪي جو بنياد، ڏيتي ليتي آهي. ڇو جو ڏيتي ليتي هلائڻ ڪري، پيءُ جي هڙ گسي ٿي ۽ ڌيءُ ورسي ٿي.
پهاڪي جي ٻي ڪا مراد ڪانهي.
ڏيتي ليتيءَ تان ٻيا هيٺيان پهاڪا آهن:
1- بابا گهر گهوڙي تہ ڪا مون هڻ هڻ؟
2- پٽ وٽي ڪٽيءَ وارو، ننهن وٽي لڏيءَ واري.

٩. اٺو ڪاڏو ڪئي، مار پيئي ڳابي تي.

بنياد:
هڪڙو ڪئو، ڪنهن ماڻهوءَ جو اٺو ڪائي، پوءِ ٽورو اٺو سندس ڳابي جي ٻوٽ کي لائي وڃي پنهنجي ٻرَ ۾ لڪو. ڪنهن وقت گهر جو مالڪ آيو ۽ ڳابي جي ٻوٽ کي اٺو لڳل ڏسي، پانيائين تہ اٺو ڳابي ڪاڏو آهي سو يڪدم ڪاوڙجي هن تي لٺين جو وسڪارو لاتائين.
انهيءَ آکاٽيءَ تان اهو پهاڪو چوڻ ۾ آيو ۽ ڪم تڏهن آڻبو آهي، جڏهن هڪڙي جي ڏوهه لاءِ ٻيو ڇٽ پرائيندو آهي.

١٠. اُٺ پنيان گهنبٽي

بنياد:
ڪنهن ماڻهوءَ جي اُٺِ ستئين مهيني هئي، پر هن کي ڪيڏانهن ضروري وڃڻو هو، سو لاچار ان تي چڙهي ويو. جڏهن ڪم لٿس ۽ گهر ڏي موٽڻ جو سعيو ٿي ڪيائين، تڏهن اُٺ وير ڪيو. جنهن ڪري هن کي اتي وڌيڪ ٽڪڻو پيو. هڪڙي ڏينهن ڪنهن سنگتيءَ چيس تہ: "هاٽي تنهنجي اُٺِ، پنڌ ڪرڻ جهڙي آهي، تون بيشڪ مٿس چڙهي وڃ."
تنهن تي چيائين تہ: "ادا! آءٌ تہ اُٺِ تي چڙهي وڃان، پر هوءَ گهنبٽي جا پنيان ٿيندير، تنهن کي ڪير هنج ڪٽندو؟" (ڪيمچند ڏيئل مل)
جڏهن ڪنهن کي ننڍي جمار واري ڪنوار ملندي آهي تہ تڏهن اڪثر ائين چوندا آهن. ٻار، مائٽ پنيان ڪاهي پوي تہ چون تہ: "پنيان گهنبٽي تي لڳو اٿر."
ڏکيا لفظ:
گهنبٽي معنيٰ ٻچو يا گورو.
ننڍي جمار واري ڪنوار معنيٰ هنج ۾ ڪٽي گهمائڻ جيڏي.

١١. اُٺ نہ رنا، ٻورا رنا.

بنياد:

ڪنهن جت، هڪڙي واڻئي سان بار ڪٽي ٻئي هنڌ پچائڻ جي ٻول ڪئي هئي. پر ٻوريون هيون تمام ڀاري، سو اٺن کي جيئن تيئن لڏي، گلو ڪاهي هليا ته اٺ مهار چنائي رستو ڇڏي هليا ۽ ٻوريون ڪيرائي وڌائون. واڻئي چيو ته: "اُٺ رنا وڃن ٿا."

تنهن تي جت اهو پهاڪو چيو ته: "اُٺ نہ رنا آهن، ٻورا رنا آهن."

اهو پهاڪو تڏهن ڪم ايندو آهي، جڏهن هڪڙي جو ڏوهه ٻئي تي ڪٽي مڙهيندا آهن. (ڪوڙو مل چندن مل)

پيٽيو:

تون ڇٽ مان ٽنگ ئي سهي.

١٢. اَني آني پڳڙي، رپيو ٻڌاڻي،

ڪري پيئي کوهه ۾، ٻہ روپيا ڪڍائي.

ڳالهہ پهاڪي مان پڌري آهي.

پيٽيو:

1- ڪسيري جي ڪتي، ٽڪي جا ٽڪر ڪائي.

2- ٽڪي ڪي مرغي، ڇهه ٽڪا محصول.

١٣. اَني ٻُهَ چُني

بنياد:

هڪ لڳا، ساوڻ جي مهيني ۾، ڏاڍي برسات پيئي. هڪڙي واپاريءَ، ٻهہ جون ڳاڏيون پنهنجي ڪارخاني جي اڱڻ ۾ لهراهيون هيون. تنهن کي اچي ڊپ لڳو ته: الاجي منهنجي ماڻهن ٻهہ اندر پاندن ۾ رکايو يا برسات ۾ لڙهي ويو. سو ويچارو برسات ۾ ڊوڙندو پنهنجي ڪارخاني ڏي ويو. اتي وڃي ڏسي تہ ٻهہ سلامت پيو آهي ۽ ڪارخاني اڳيان نہ ڪا ڳپ نڪو پاڻي آهي. تڏهن واڻڙو تي پنهنجي ڪنهن نوڪر کان پڇيائين تہ: "هتي برسات پيئي ڪا نہ چا؟"

نوڪر چيو: "سائين! اني ٻهہ چني. يعني برسات پيئي برابر. پر جيڪا پيئي، سا ٻهہ ڇهي ويو."

هيءُ پهاڪو انهيءَ معنيٰ سان ڪم آڻبو آهي تہ جا ڳالهہ ٿي گذري تنهن جو وري ذڪر نہ ڪجي.

پيٽيو:

1- گذري کي ياد نہ ڪجي جا گذري سا چوکي.

2- ويئي ٿت پاڻيڻ بہ نہ واڇي.

١٤. اپٽا مال هئي، روئسان بہ ڪائسان بہ.

بنياد:

هڪڙي ماڻهوءَ، ٻصرن سان ماني ويني ڪاڌي. ٻصرن جي ٻانس ڪري، جڏهن اکين مان پاڻي وهڻ لڳس، تڏهن ڪلي ائين چيائين.

مراد تہ: "پنهنجي سنهنجي آهي. ڪلي بہ قبولبي، روئي بہ قبولبي."

١٥. اپٽي گهوت تہ نشا تيويئي.

بنياد:

هڪڙي ماڻهوءَ، ڪنهن کان پنگ چڪو سوال ڪري ورتو. جڏهن اهو چڪو چاڙهي رهيو، تڏهن چيائين تہ: "هيءُ

تہ لڳي ڪين.“
تنهن تي اڳلي چيس تہ: ”اپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيويئي“ يعني پنهنجي ينگ گهوٽي پيءُ تہ نشو ٿيئي.
مراد تہ ٻين تي نہ ياڙجي پر پنهنجا هڏ هلائجن تہ ڪم دل جاءِ جهڙو ٿئي.

١٦. اجا اٺ ڪين سسئي.

بنياد:
سسئي جڏهن پنهونءَ لاءِ ڏونگر ڏورڻ تي ويئي، تڏهن چيائونس تہ: ”اجا تو ڪي اٺ وجي ڪيچ تائين ڪين تہ ٻي ڳالهہ آهي، باقي جو تون پائنين تہ پنڌ وجي پنهونءَ کي ملان، سو، ڪچڙي ڪانهي جو ڪائي ونبي، يا اڪ جي ماکي نہ آهي جا لاهي ونبي.“
مراد تہ: جڏهن جوڳا جتن ڪجن ۽ سيپئي حالتون سٽايون ٿين، تڏهن ڪم ٿيندو. جهٽ پٽ جو ليکو نہ آهي.

١٧. ادي ادي اتراڻ، چي: ”مون تہ اهو ئي منو ماڻ“.

بنياد:
ڪنهن مائيءَ کي سيٽڪي گهران، اتراڻ جو ڏڻ ٻين گهرن ساريڪو نہ مليو هو، تنهنڪري شوڪي ڦوڪي ويني هئي. انهيءَ ڏينهن، مائيءَ جو ڪو ويجهو عزيز وٽس آيو ۽ گهر ۾ ترن جا پوڙيندا ۽ موڙيون وغيره ڏسي پڇيائين تہ: ”ادي اڄ اتراڻ ملهايو اٿيئي؟“
هن مائيءَ چيو تہ: ”اتراڻ هجي ڪو ٻيو پرپ هجي، اسانکي سيٽڪي گهران شهر ڪان مڙيوئي گهٽ ملي.“
تنهن تي سندس عزيزي ائين چيو.
هي زنانو پهاڪو آهي ۽ گهٽ ڏٽن ملڻ تان زالون اهو پهاڪو ڏينديون آهن. ڪن کي جي سيٽڪي گهران بلڪل تورو ملندو آهي يا جي ٻنهہ ڪجهہ بہ نہ ملندو آهي تہ چون تہ:
”سجا جاوا سچ ڪي، نہ دان ڪي نہ پچ ڪي.“

ڏکيا لفظ:
بلڪل تورو معنيٰ اصل نہ ملڻ جهڙو.

١٨. اسان پانيو هار، پر سڱو ئي سورن جو.

بنياد:
هن پهاڪي جو بنياد، ليلا چنيسر جي قصي تي ٻڌل آهي ۽ پائنجي تو تہ شاه جي رسالي جي هينين تڪ مان ناهيو اٿن.
”تو جو پانيو هار، سو سورن جو سڱڙو.“
ليلا هار وني ڪونروءَ کي چنيسر ڏنو هو، پر چنيسر مرڳوئي ڪيس ڏهاڳ ڏيئي ڇڏيو. جنهنڪري جو هار سورن جو سڱڙو ٿي لڳس.
ماءُ جنهن جو پٽ وري ايندو آهي سا بہ ائين چوندي آهي، جو ماءُ لاءِ پٽ ڳلي جو هار آهي.

١٩. اڪ آمو نہ ٿئي، توڙي ڦٽي ڪري ڦر.

هي پهاڪو اصل هڪ بيت جي سٽ آهي. (ڏسو شاه جو رسالو، ٽرمپ صاحب وارو. سر بروو سنڌي چوٿڪو – بيت - ١)
جنهن جون پهريون سٽون هيءُ آهن:
دليون جو دلبر، سو ڪميٽو ئي ڪين ٿئي،
اڪ آمو نہ ٿئي، توڙي ڦٽي ڪري ڦر،
ڪلر منجهان ڪين ٿئي، توڙي جال پيارينس جر.
شاعر اهو بيت، ڪميٽي ماڻهوءَ جي سُڀاءَ تان چيو آهي. ڪميٽي ماڻهوءَ کي، ڪيتري بہ تربيت ڪبي تہ بہ هو ابتڙ

سڏرندو. جهڙو اڪ، جو زهردار آهي سو آمو نہ ٿيندو.
پيٽيو:
عادت نہ مٽي عادتي، علت مور نہ جاءِ
اٺ پوي ڪٽڪ ۾، تہ بہ ڪنڊا چڻ چڻ کاءِ.
ڏکيا لفظ:
آمو معنيٰ انب.

٢٠. اڪ ٻڏڻ، تپ لنگهڻ.

هي حڪمت جو پهاڪو آهي ۽ آزمودو ڪري چيو اٿن. اڪ اُتي تہ ٻڏجي ۽ تپ ٿئي تہ لنگهڻ يا بک ڪڍجي.
هن پهاڪي جي بہ مراد ڪانهي.
ڏکيا لفظ:
ٻڏجي معنيٰ پها پٽيون ٻڏجن.

٢١. اک نهيئي نہ، ڪبڙ خان چنڊ ڏٺو.

بنياد:
مسلمان چنڊ ڏسي پوءِ روزا چوڙين ۽ عيد ڪن. هڪ لڳا، ڪن مسلمانن چنڊ لاءِ آسمان ڏي پئي نهاريو تہ ڪبڙ خان نالي هڪ ڪاٺي وچ ۾ ٽِپُ پڙهيو تہ: ”اجهو، هيئنر چنڊ نڪتو آهي.“
تنهن تي ٻين ائين چيس جو ٻئي ڪنهن کي بہ چنڊ ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو.
جنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن ڳالهہ جي خبر پوڻ جو امڪان ئي نہ هوندو آهي، سو جي ڪبڙ خان وانگر زٽ هٽي چوندو آهي تہ: ”هائو، مونکي خبر آهي“ تہ ائين چوندا اٿس.

٢٢. اڳين پاٽي، پوين چڪ.

بنياد:
هڪڙو وهٽن جو ڌڻ، ڪنهن تلاءَ تي پاڻي پيئڻ ويو. تلاءَ ۾ پاڻي تمام ٿورو هو. تنهنڪري جيڪي وهٽ ڊوڙي اڳ ۾ تلاءَ تي ويا، تن کي پاڻي پيئڻ لاءِ مليو ۽ ٻين کي چڪ چٽڻي پيئي.
مراد تہ ڪم ۾ ڍرائي نہ ڪجي ۽ سدائين ڦڙت رهجي.
ڏکيا لفظ:
چڪ معنيٰ گپ.

٢٣. اگهائي تہ ڪچ، نہ تہ ماڻڪن موت ٿئي:

هيءُ اصل شاهہ جي رسالي جي تڪ آهي، جنهن ۾ پوءِ ڦير ڦار ڪئي اٿن. اصل بيت آهي تہ:
اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موت ٿي،
پلئہ پايو سچ، آڇيندي لڄ مران.
پهاڪي جو مطلب آهي تہ: ڌڻي بي نياز آهي. ڪن جو ڪچ بہ ڪنيو قبولي ۽ ڪي ماڻڪ پيش ڪن تہ انهن جا اهي بہ نہ اگهن.
پيٽيو:

چاڻٺ پائي چٽ ۾، سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، ڏڪو داخل نہ ڪيو.

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،

تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

۲۴. اگهه کنهن وڏو؟ چي: ”جنهن جي نہ سري.“
ڳالهہ پهاڪي ۾ ئي پيئي آهي.
ڪا بہ شيءِ، ضرور ڪپندي آهي تہ ماڻهو پئسي هٿڻ، ٽڪو ڏيئي بہ وٺندا آهن. هڪواريءَ اهو اگهہ نڪتو تہ پوءِ، دڪاندارن کي بہ گهٽ اگهہ تي اها شيءِ ڏيندي برو پيو لڳندو.
جڏهن ضروري ڪپ ڪري ڪا شيءِ گهري ناٽي ونبي آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

۲۵. اگر ڪوسا تہ هٿ ساڙين، جي ٿڌا تہ هٿ ڪارا ڪن.
هيءُ پهاڪو حالت ڏسي چيو اٿن. ٽانڊو هٿ ۾ ڪٽبو تہ هٿ سڙندو ۽ جي ٽانڊو وسائي ٿڌو اگر ڪري ڪٽبو تہ هٿ کي ڪارنهن لڳندي.
مراد تہ بڇڙو ماڻهو، نہ دوست چڱو نہ دشمن چڱو. اهڙي جي صحبت، جهڙي ڪتي جي صحبت.
سمن پريت سُوان ڪي، دونون باتين دک،
ڪيجي تہ ڪاٽي پائون، ريجهي تہ چاٽي مک.
يعني ڪتو جي ڪاوڙبو تہ جنگهہ ڦاڙيندو ۽ جي ريجهندو تہ اچي منهن چٽيندو.

۲٦. ”امان ساهري گهر مون سان بيا تہ وڙهن پر ساهري چائنٺ بہ وڙهي.“
چي: ”چوري! تو ۾ بہ ڏوهہ ڪين، رڳو چائنٺ ۾ ڏوهہ؟“
ڳالهہ پهاڪي ۾ ئي پيئي آهي.
چوڪري پنهنجي غفلت ڪان چائنٺ سان لڳي تہ ان ۾ چائنٺ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ ڪيس سنيالي هلڻ ڪپندو هو.
ساڳيءَ طرح جو ماڻهو، پنهنجو ڏوهہ نہ ڏسي ۽ رڳو ٻين تي الزام رکي، تنهن بابت ائين چئبو آهي. (زنانو پهاڪو)

۲۷. انڌا بي ايمان ٿيندا آهن.
اصل هندي: انڌا بي ايمان.
بنياد:
فئلن صاحب هن پهاڪي جي معنیٰ سمجهائيندي لکي ٿو تہ:
هڪڙو انڌو ڪنهن مجلس ۾ ويو. جڏهن کائڻ پائي ڏنائونس، تڏهن شڪ پيس تہ: ”متان بيا ماڻهو ٻنهي هٿن سان کائيندا هجن.“
تنهنڪري پاڻ ٻنهين هٿن سان گڏيون ناهي کائڻ لڳو.
وري دل ۾ آيس تہ: ”متان بيا هٿن سان گڏ، وات بہ ٿالهيءَ ۾ وجهندا هجن.“ تنهن ڪري پاڻ ائين ڪرڻ لڳو.
پوءِ وري دل ۾ آيس تہ: ”متان بيا کائڻ سوڌي ٿالهي، گهر کڻي ويندا هجن.“ تنهنڪري پاڻ ٿالهي کڻي اٿي پڳو.
مراد تہ ڪنهن بہ ڳالهہ ۾، ماڻهوءَ جو ايمان تڏهن ٿو بچهي، جڏهن اکين سان ٿو ڏسي.

۲۸. انڌو چوڪر، لائو ڏوڪڙ: ٽڪاٽي جي ارداس.
هيءُ پهاڪو، حالت ڏسي چيو اٿن. گهڻا ماڻهو، سچ پچ ائين ڪندا آهن جو چوڪرو اکين ڪان سجو تي پوين تہ هن کي ٻائي جو وجي چيلو ڪن ۽ ۽ لمو ڏوڪڙ ڪٽي نہ ملين تہ ٻائي جي ارداس رکي متو ٽيڪي ايندا.

۲۹. انڌو هاٿي لشڪت جو زيان.
بنياد:
چون ٿا تہ هن پهاڪي جو بنياد هينئين تواريخي ڳالهہ تان آهي.

سڪندر بادشاهه ۽ پورس جي وچ ۾ جڏهن لڙائي لڳي هئي، تڏهن پورس پنهنجي لشڪر جي اڳيان ٻه سؤ هاٿي قطار ڪري بيهاريا هوا. پر سڪندر جي لشڪر، هاٿين کي اهڙا تير هنيا جو هاٿي اچي ڇتا ٿيا ۽ اهڙو اندڪٽي وين، جو ڦيرو ڪائي پورس جي ماڻهن تي ڪاهي پيا. پوءِ الائي ڪيترو سندس لشڪر زيان ڪري ڇڏيائون.

٣٠. انڌير نگري، چرٻٽ راجا،
ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاجا.

اصل هندي: انڌير نگري، چوپٽ راجا، ٽڪي سير ڪڪڙي، ٽڪي سير کاجا.

مراد: جتي نياءُ ڪونهي ۽ جتي رڍون سڀ ٻوٽ-ڪاريون، اتي ڪميڻي ۽ اشراف جو تفاوت نڌ هوندو. تنهنڪري اهڙي هنڌ يا صحبت کان گوشو ڪجي.

ٻلي ٻري جهان ايڪ سي، تهان نه ٻئسي جاءِ،
جيون انياءُ-پور مين ٻڪي ڪڙُ گُڙُ ايڪي ڀاءِ.

بنياد:

انڌير نگريءَ جو قصو هن طرح آهي.

هڪڙو گرو ۽ ٻيو سندس چيلو، سانگي سان انڌير نگريءَ ۾ وڃي لٿا. جڏهن بک لڳين تڏهن چيلو بزار ۾ جيڪا شيءِ گهري سا چونس ته: ”ٽڪي سير!“

هيءُ ٻه چار ٽڪا ڏيئي، ٻه چار سير مٺائيءَ جا وٺي ويو، ۽ گروءَ سان شهر جي اگهه-ڀار جي وڃي ڳالهه ڪيائين.

گروءَ چيس: ”ٻچا! هتي رهڻ پنهنجو ڌرم نه آهي. هتان يڃ ته ڀڄون.“

چيلو چوي ته: ”سائين هھڙا سستا مال ڇڏي آءٌ نه هلندس!“

گرو پوءِ ڪيس ڇڏي پاڻ ڪنهن پاسي نڪري ويو ۽ چيلي سستا مال کائي اٿاسي متي پئي چاڙهي.

هڪڙي ڏينهن انهيءَ نگريءَ جي سواميءَ راجا چرٻٽ سان ڪنهن ڳالهه ڪئي ته: ”فلاڻي جي پٽ مٿان ڀت ڪري پيئي ۽ هو مري ويو.“

راجا ڪاوڙجي حڪم ڏنو ته: ”يڪدم ڀت کي ڦاهي ڏيو!“

درٻارين چيو ته: ”ڀت کي ڦاسي اچي ڪين سگهندي.“

تڏهن حڪم صادر ٿيو ته: ”جنهن رازي اها ڀت جوڙي هئي تنهن کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو!“

راجا جا ماڻهو امالڪ انهيءَ رازي کي ڳولي وٺي آيا. تنهن چيو ته: ”سائين! اوساري ڪٽڻ مهل گهر-ڌياڻيءَ جا ڳهه نهي آيا هوا سو شايد مٽين ۾ خيال هئڻ سبب ڀت ۾ ڏنگ رهجي ويو.“

راجا حڪم ڪيو ته: ”انهيءَ صورت ۾ سوناري کي ڦاسي اچڻ گهرجي.“

سوناري حاضر ٿي چيو ته: ”جيئندا قبلا! مون کي ٻه مٽيا جڏهن مالڪن ناهڻ لاءِ ڏنا تڏهن مون ناهيا. نه ته جيڪر مان جو ناهيان ها؟“

راجا چيو ته: ”هن جو اهو چوڻ واجبي آهي. انهيءَ گهر جي مالڪ جي اها سڀ بيوقوفي آهي. تنهنڪري هنکي ڦاهيءَ تي چاڙهيو.“

گهر جي مالڪ درٻار ۾ حاضر ٿي چيو ته: ”حضور پٽ ته منهنجو مئو آهي ۽ ڦاسي ٻه مون کي ٿا ڏيو.“

هن ويچاري گهڻو ئي پڪاريو، پر ٻڌيس ڪير؟ آخر هن کي ڦاسي ڏيڻ لاءِ وٺي ويا. پر رسيءَ جو منهن هئو ويڪرو ۽ هن جي ڳچي هئي سوڙهي. تنهنڪري راجا حڪم ڏنو ته: ”جنهن کي ڦاهي نهي اچي تنهن کي وڃي لڙڪايو.“

سڄي شهر ۾ گروءَ جي چيلي جهڙو ستر-وٽر ٻيو ڪو نه هو. تنهنڪري هنکي وڃي جهليائون. چيلو اوڏي مهل گروءَ جي ڳالهه دل تي آڻي ٻڪ پاٽيءَ جا روئڻ لڳو. چي: ”نانگ تي پير پيم، جو هن نگريءَ ۾ رهيس.“

اتفاقًا انهيءَ ڏينهن گرو پنهنجي چيلي جو واءُ-سواءُ لهڻ لاءِ موٽي انهيءَ نگريءَ ۾ آيو. چيلي کي گرفتار ٿيل هسي هن احوال پڇيس ۽ پوءِ چيلي کي اهڙو ڪو اشارو ڪيائين جو چيلو چوڻ لڳو ته: ”بيشڪ مون کي ڦاسي ڏيو.“

گروءَ چيو ته: ”هن کي ڇڏيو ۽ مون کي ڦاسي ڏيو.“

آخر اها ڳالهه راجا جي ڪن تائين ويئي. تنهن انهيءَ ردل-بدل جو سبب پڇيو.
گروءَ چيو تہ: ”سائين! اجوڪي ڏينهن جو اهڙو مها تم آهي جو جيڪو سوريءَ تي چڙهندو سو اڻ-پڇيو سرڳ ۾ ويندو.“
راجا چيو تہ: ”جي ائين آهي تہ وچان ئي آءٌ تو سوريءَ تي چڙهان.“
پوءِ تہ هٽي راجا کي لڙڪائي ڦٽو ڪيائون.

٣١. اٽائي بہ ويئي، ٽٽائي بہ ويئي، وري ڪپهہ جي ڪپهہ.

بنياد:
هڪڙي آفيميءَ کي ڪتي لڳهوشنڪا ڪندي پنڪي لڳي ويئي. اوچتو هڪڙو ماڻهو اتان لنگهيو. تنهن سندس مٿي تان پڳڙي لاهي، ڪپهہ جي پوُٽي مٿس رکي. ٿوري ڪان پوءِ، جڏهن پنڪي ڪليس، تڏهن پڳڙيءَ بدران پوٽي ڏسي، ٽپرس ڪائي هي پهاڪو چيائين.
يعني ڪپهہ ڪتجي سٽ ٿيو ۽ سٽ اُجي ڪپڙو ٿيو، سو پورهيو سڀ ويو؛ وري ڪپهہ تي پيئي. (گلشڪر)
سمجهاڻي: ڪو ماڻهو ڏاڪڙا پٽي پنهنجي حالت سڌاري ۽ پوءِ اهڙي ڪنهن چڪر ۾ اچي وڃي، جو محنتون برباد ٿي وڃنس ۽ موٽي وڃي پنهنجي اڳوٽي حال کي رسي، تڏهن ائين چئبو.

٣٢. اونڌيون پاٽيون، پاسيرا ٺويا.

بنياد:
هڪڙي ماڻهوءَ آوتون اَن تمام سستي اگهہ ۾ وڪٽيو هو. جڏهن اَن ڏيڻ جو مدو آيو، تڏهن ان جو اگهہ ڏاڍو وڌيل هو. جنهنڪري وڪڻندڙ کي گهڻو نقصان ٿي پيو. پر سٽي موجب نهرايل اگهہ ۾، اَن ڏيڻ لاءِ ٻڌل هو. تنهنڪري چا ڪيائين جو اَن مئڻ مهل، پاٽيون اونڌيون ۽ ٺويا پاسيرا ڪري مئڻ لڳو. اَن جي خريدار وڃي قاضيءَ وٽ دانهن ڪئي. جوابدار چيو تہ: ”اگهہ جيڪو هي چوي ٿو سو مون برابر قبول ڪيو هو پر اها ٻول ڪا نہ ڪئي هئم تہ اَن ڪهڙي طرح مئي ڏيندس، تنهن ڪري منهنجي خوشي ڪئڻ بہ ميان.“
جڏهن ڪو تور پوري نہ ڏيندو آهي ۽ گهوٻي هٽندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

٣٣. اها دعا، دل سان ئي نڪتي لڳي.

بنياد:
ڪنهن شخص جي زال مري ويئي هئي ۽ جيتوڻيڪ انهيءَ مان ڪو اولاد ڪو نہ هوس تہ بہ وري شادي ڪرڻ جو خيال اصل لاهي ڇڏيو هئائين. هڪ ڏينهن بازار مان لنگهندي ڪنهن فقير سائينءَ جو نالو وجهي پئسو گهريس. هن تت وهندي پئسو ڏنس. تنهن تي فقير خوش ٿي دعا ڪيس تہ: ”شل ست-پُٽيو ٿيندين.“ تڏهن ڪلي فقير کي ائين چيائين.
جڏهن ڪو چوي تہ: ”فلاڻو ڪم ٿيندو.“ پر جيڪي حالتون هجن، تن موجب انهيءَ ڪم ٿيڻ جو امڪان ڏسڻ ۾ نہ اچي، تڏهن ائين چئبو آهي.

٣٤. اها ڪڪڙ ئي مري ويئي، جا سونا آنا ڏيندي هئي.

بنياد:
اصل هيءُ پهاڪو انگريزيءَ مان ترجمو ٿيل آهي ۽ بنياد هن طرح اٿس:
ڪنهن ماڻهوءَ وٽ هڪ هنس پکي هو، جو ڏهاڙي هڪ سونو آنو ڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن، هن شخص کي دل ۾ آيو تہ: ”هيءُ پکي جو روز هڪڙو آنو ٿو ڏئي، تنهن ڪان هڪ ڀڪي سيئي آنا پيٽ مان ڪڍي وٺانس.“
هن پوءِ پکيءَ جو پيٽ چيري ڏٺو تہ: ڪي ڪين هو.
هيءَ ڳالهہ اهڙي پيئي لڳي جهڙي: ”اڌ کي ڇڏي سڄيءَ ڏي ڊوڙي، تنهن جو اڌ بہ وڃي.“

پر پهاڪو انهيءَ معنىٰ سان ڪم آڻبو آهي ته: اڳيان چڱا ڏينهن لنگهي ويا، هينئر ڪٺن زمانو آهي.
پيٽيو:
1- اهي لالڻ ئي لڏي ويا.
2- اهي دفتر ئي ڪتا ڪٽي ويا.
3- اهي تنيا ئي مري ويا، جي گهتا ڏيندا هئا.

٣٥. اهڙو ڪم ڪجي، جو لعل به ليي پريت به رهجي اچي.

بنياد:
هڪڙا چار ڄڻا پاڻ ۾ سنگتي هئا. هڪڙو هو بادشاهه جو پٽ، ٻيو وزير جو، ٽيون قاضيءَ جو ۽ چوٿون ڪوتوال جو. هڪڙي ڏينهن جهنگ جهريندي ڪٿي رات پيبن. سو واري وٽيءَ هڪبئي تي پهرو ڏيڻ لڳا. پهريائين شهزادو پهري تي بيٺو ۽ ٻيا ٽي سمهي پيا. ڪنهن وقت پهري ڏيندي، شهزادي جي ڪن نانگن تي نظر پيئي جن چانڊوڪيءَ ۾ مڻ سان پيئي راند ڪئي. شهزادي ڪا تجويز ڪري اها مڻ هٿ ڪئي.
اهڙيءَ طرح ٻيا به، واري سان جاڳيا تن به هڪڙي هڪڙي مڻ هٿ ڪئي.
پڇاڙيءَ ۾ ڪوتوال جي پٽ به اُتي مڻ هٿ ڪئي. پر هن کي دل ۾ آيو ته: ”ڏسان ته منهنجن سنگتين به مڻ هٿ ڪئي آهي يا نه.“ هن پوءِ سڀني جا وجي وسلا ڦولهيا ۽ ٽنهي جون لعلون ڪڍي پنهنجي سٿڻ جي ابداٽي اندر وجهي ڇڏيائين.
صبح جو هر ڪنهن پنهنجي لعل ڳم ٽيل ڏسي، دل ۾ چيو ته: ”چور ته اسان مان ئي ڪو آهي.“ تنهن ڪري: ”مني به مات مني به مات“ ڪري پنڌ پيا.
جڏهن ڪنهن شهر ۾ پهتا، تڏهن هر هڪ پنهنجي روءِ سوءِ اتي جي بادشاهه کي وڃي چيو ته: ”منهنجي لعل ويئي آهي پر مهرباني ڪري اهڙو ڪم ڪجو جو لعل به ليي ۽ پريت به رهجي اچي.“
انهيءَ بادشاهه جي نياڻي ڏاڍي سياڻي هئي. تنهن پيءُ کي چيو ته: ”انهيءَ ڳالهه جو آءٌ نبيرو ڪنديس.“
بادشاهه پوءِ هنن کي پنهنجي نياڻيءَ ڏانهن منهن ڏنو. شهزاديءَ چين ته: ”اوهين اٺ ڏينهن مون وٽ مهمان ٿيو پر هن ريت جو روز اوهان مان هڪڙو ڄڻو واري سان مون وٽ اچي ماني کائي ۽ ٻين ٽن جي ماني کڻي وڃي.“
پهرين شهزادو آيو. شهزاديءَ پنهنجي هڪ لعل ڪڍي شهزادي جي اڳيان رکي. شهزادي ڪڏهن عمر پر پرائيءَ شيءِ کي هٿ نه لاتو هو. تنهن لکايو به ڪين ته: لعل پيئي آهي يا پٿر پيو آهي.
ٻئي ڏينهن شهزاديءَ وزيرزادي اڳيان به ۽ ٽئين ڏينهن قاضيءَ جي پٽ اڳيان ٽي لعلون رکيون. پر هنن به ڳڳ نه ڳاڙي.
چوٿين ڏينهن ڪوتوال جو پٽ آيو. تنهنجي اڳيان به شهزاديءَ ٽي لعلون رکيبون. پوءِ ٻين وانگر هن کي شراب پاٽي پيارڻ لڳي. چوندا آهن ته: ”مد پيوڻ، ذات پرکڻ“. شراب جي نشي وچان، ڪوتوال جي پٽ شهزاديءَ کي چيو ته: ”تو وٽ رڳيون ٽي لعلون آهن پر مون وٽ سڄون چار آهن. سي به تنهنجن لعلن ڪان سٺيون.“ ائين چئي ابداٽي مان چار ئي لعلون ڪڍي ڏيکاريائينس.
شهزاديءَ اهي لعلون وٺي هٿ ۾ ڪيون. ٻئي ڏينهن وري شهزادو آيو. تنهن کي لعلون ڏيکاري چيائين ته: ”سڃاڻ ته تنهنجي لعل ڪهڙي.“ هن جهٽ پنهنجي لعل سڃاڻي هن کان ورتي.
اهڙيءَ طرح سڀني کي پنهنجي پنهنجي لعل ملي ۽ هنن جي پريت به رهجي آئي.
مراد ته: هڪ ٻئي ۾ ڪو معاملو پوي ته ميٺ محبت ۾ نبيرجي ۽ ابهرائي ڪري ڪنهن سنگتيءَ کي اُبري نه ونجي.

٣٦. اهو ئي هٿ ڪير ۾، اهو ئي هٿ نير ۾.

بنياد:
چون ٿا ته هن پهاڪي جو بنياد: ڪربلا وارو قضيو آهي.

امام قاسم جڏهن شهيد ٿيو هو تڏهن سندس وهانءَ جا ساٺ سنوڻ اجا پورا ڪين ٿيا هئا. جنهن ڪري اهلبيت يعني نبي صاحب جي آکهه جي ماڻهن جو هڪڙو هٿ شاديءَ جي سانن سنوڻن لاءِ ڪير ۾ هو ۽ ٻيو هٿ امام جي شهيد ٿيڻ ڪري نير ۾ هو، جو ماتمي ويس نير ۾ ڏل ڪيائون.
ڪنهن جي گهر ۾، ڪنهن عزيز جي موت ڪري، پٽر پيو هجي ۽ اتيئي ان جي شاديءَ جو سانباهو ٿئي، تڏهن ائين چئبو آهي.

٣٧. ايڪ پنٿ، دو ڪاج.

بنياد:
هڪ لڳا مترا جي گوالٽين پاڻ ۾ چيو تہ: ”اهڙي پاسي ڪير وڪڻڻ هلون، جو ڪير بہ وڪڻي اچون ۽ برج راج جو درشن بہ ڪري اچون.“
تنهن تي هڪ ڪويءَ چيو آهي تہ:

چلو سکي وهان چلين، جهان بسي برج راج،
گؤ-رس بيچت هري ملي، ايڪ پنٿ دو ڪاج.

مٿيون پهاڪو انهيءَ سلوڪ جي پوئين تڪ آهي.
ڏکيا لفظ:

پنٿ معنیٰ پنڌ.
گؤ-رس معنيٰ گئوءَ جي رس يعني ڪير.
گوالٽين معنيٰ ڪير وارين.
برج راج معنيٰ سري ڪرشن.

٣٨. بادشاهين پوندي معاملي، جٽي ڪير ويچاري.

بنياد:
ڪنهن غريب جٽيءَ تي ڪوڙي چوريءَ جي تهمت رکي ڪٽي جهليائونس. پاڙي وارن اچي سندس دل ٺارڻ لاءِ چيو تہ: ”ويچاري ناحق اچي ڦاٿي آهي.“
تنهن تي اها چوٽي آهي تہ: ”بادشاهن تي معاملا جهلي ٿا اچي پون. هيءَ ويچاري جٽي ڪير آهي.“ يعني وڏن پڄنديءَ وارن کي ڏک ۽ آپدائون پوڳٽيون پون ٿيون. سو هيءَ غريب جٽي ڪير آهي جا نہ پوڳي. (ڪوڙو مل چندن مل)
پيٽيو:
هيءَ ڪميٽي ڪير جا اَمر کي آڏي ڦري. (شاه لطيف)

٣٩. باسڻ هڪڙو ڪٽي، نڪر گهٽڻ کي اچي.

بنياد:
ماڻهن جي واتان عام ٻڌو ويو آهي، سي چون ٿا تہ:
سسئيءَ جي درگاهہ ۾ اڳي جيڪو رهگذر وڃي رهندو هو تنهن کي بہ مانيون ۽ ڪير جو ڪٽورو ازغيبي ملندو هو. هڪ لڳا ڪنهن مسافر کي ڪيڏ پيئي سو اهو ڪٽورو ڪٽي ويو. ان ڪانپوءِ مسافرن لاءِ نڪر جي وٽي ۾ ڪير پئجي ايندو هو، تنهن تان پهاڪو پيو.
ڪي چون ٿا تہ: ”اهو نڪر جو وٽو بہ ڪو ڪٽي ويو. تنهن کان پوءِ مانيون ۽ ڪير اچڻ اصل بند ٿي ويو.“
تنهن تان پهاڪو پيو تہ: ”وٽو ڪٽي هڪڙو، واٽ وڃائي سڀن جي.“
ڏکيا لفظ:
نڪر ڏيڻ معنیٰ ڪلنڪ يا ٽِڪو ڏيڻ.
ڪُيڏ معنیٰ

٤٠. ٻچڙو ڪتو، ڏٽي پُٽائي.

بنياد:

ڀ ڄٽا واٽ ونيو پئي ويا تہ ڪنهن گهر مان هڪڙو ڪتو نڪري انهن کي ڏاڙهڻ تي آيو. تنهن تي انهن مان هڪڙي ڪتي کي پونبو ڏيئي چيو تہ: ”لعنت آهي، تنهنجي ڏاريندڙن کي.“ پوءِ تہ لٺ تي مغز ۾ نڪاءُ ڪرايائينس.

سنگتيءَ چيس تہ: ”هيءُ ڪتو ڏاڙهيندو ڪين. تنهنڪري ڌڪ نہ هڻيس. اسانجي فلاڻي سنگتيءَ جو ڪتو آهي.“

هن پوءِ لٺ ڪري هيٺ ڪئي ۽ ڪتي کي چيائين تہ: ”ڪتا تو نہ منهن تنهنجي ڏٽيءَ منهن.“ يعني تہ: ”توکي ڪو نہ ٿو ڏسان پر تنهنجي ڏاريندڙ جي لحاظ ڪري تو کي لٺ نہ ٿو هڻان.“

ڏسو تہ ڪتو ٻچڙو ٿي راهہ ويندن کي ڏاڙهڻ ٿي ويو، تنهنڪري پنهنجي ڏاريندڙ کي پٽايائين. ساڳيءَ طرح جي اولاد ٻچڙي هلت ٿو هلي تہ پنهنجن مائٽن کي گلارو ٿو ڪري.

ڏکيا لفظ:

پٽائڻ معنى گاريون ڏيارڻ، بدنام ڪرڻ.

٤١. ٻارهن گدرا، تيرهن لاڱدار.

بنياد:

ڪنهن شهر جي ٻاهران، ڪي سومرا گدرا هنداٽا ڪٽي اچي وڪڻندا هئا. شهر جي عملدارن سان ٺاهہ هوندو هون تنهنڪري ڪو پونءِ-پاڙو يا تول پرٽو ڪو نہ پوندو هون.

هڪ لڱا هڪ سومرو ٻارهن گدرا ڪٽي اچي وڪڻڻ وينو تہ قاضيءَ جوماٺهو آيس تہ: ”چار گدرا سنا ۽ منا ڏي.“

اهي اجا ڏنائين تہ مٿان ڪوٽوال جو ماڻهو چئڻ گدرن لاءِ آيس. هن چيو تہ: ”اڄ گدرا ٿورا آندا اٿم. هڪ هڪ وني وجو.“

اجا انهن کي روانو ڪيائين تہ ٻين ڪامورن جا ماڻهو آيس. ويچاري سومري انهيءَ ڏينهن وڪري ڪا نہ ڪئي. ٻارهان ئي گدرا سوالين ۾ ويس. هو پوءِ خالي ڪٿو ڪلهي تي رکي، گهر ڏي ٿي ويو تہ هڪ چوڪيدار اچي ٻينس تہ: ”گدرو ڏي.“

سومرو سنهن قسم ڪٽي تہ: ”گدرو ڪونهي.“ پوءِ هو مڃيس ئي نہ.

آخر سومري انجام ڪيس تہ: ”سپاٽي توکي ڏيندس. تيستائين منهنجو ڪٿو گهہ ۾ رک.“

ائين ويچارو ڪٿو ڏيئي جند ڇڏائي پڳو.

٤٢. ٻاليتو: نہ ماليتو.

بنياد:

هڪڙو وڏ-آڪاهيو واٽيو هو، جنهن کي آس پاس ڳوٺن وارا سڀ وڏو شاهوڪار ڀانئيندا ها. تنهن وٽ ڪو غرضائو هڪ هزار رپين اڌاري گهرڻ لاءِ ويو. هن چيو: ”مون وٽ پيسو ڪونهي.“

ٻيو ماڻهو وينو هو تنهن چيو تہ: ”اها ڳالهہ وسهندو ئي ڪو نہ چو تہ ماڻهن جي تو ۾ وڏي نظر آهي.“

تنهن تي هن اهو پهاڪو ڏنو آهي تہ: وڏي عيال وارو يعني گهڻن ٻارن ٻچن وارو، جنهن جو خرچ گهڻو هوندو سو مالدار يعني شاهوڪار نہ ٿيندو. (ڪوڙو مل چندن مل)

پيٽيو:

1- جيڏا ڏوتا، تيڏا پوتا.

2- ايندو سيڪو ڏسي، ويندو ڪو ئي ڪو نہ ڏسي.

٤٣. ٻاٽيءَ ٻاڻ ستايو، ٻاز ٻہ ستون ڏي،

صاحب سپن جو هڪڙو، ڏسان ڪئن ڪري.

بنياد:

هڪ شڪاريءَ ڪنهن پکيءَ جي مارڻ لاءِ، ڪمان ۾ تير وجهي اڇليو. مڃاڻ ڪنهن باز جي به انهيءَ ۾ اک هئي، تنهن به پکيءَ پنيان سٽ ڏني. هڪ الله وارو هي رنگ ڏسي بيهي رهيو.

چي: ”شڪاريءَ جو ڪم، شڪار ڪرڻ تنهن ڪي به پکي ڪپي. هوڏانهن باز به بکيو تو ڏسجي، تنهن ڪي به پکي ڪپي. وري صاحب آهي ديال. مارڻ واري ڪان رکڻ وارو ويجهو. ويچاري پکيءَ جي پنيان ٻنيون آفتون پيئون آهن. ان جو به بچاءُ ٿيڻ ڪپي. ڏٺي مالڪ جهڙو پاٽيءَ جو، تهڙو باز جو، تهڙو ئي پکيءَ جو، هاڻ ڏسان ته هن ڳالهه ۾ چا تو ڪري.“

اهي ڳالهيون ڳٽي اهو پهاڪو ڏنائين.

۴۴. ٻاهر جا ڪائن، گهر جا گيت ڳائن.

اصل هندي: ٻاهر ڪي ڪائين، گهر ڪي گيت گائين.

يعني: ٻاهريان يا ڏاريا اچي ڪائي وڃن ۽ گهر جا ياتي وينا گيت ڳائين.

بنياد:

پهاڪي جو بنياد هن طرح آهي.

رگهو ۽ چيتن نالي ٻه ڀائر، سانگي سان ڪنهن شهر ۾ ويا. هنن جي اتي ڪن ٽن ماڻهن سان دوستي ٿي، تن جي هڪڙي ڏينهن ماني موڪلايائون. هنن پنهنجي مهمانن لاءِ سانتيڪو پرساد ناهيو. اجا دال رڌي لاٿائون ته مهمان آيا پر ڏهه جٽا ٻيا به پاڻ سان وني آيا. تڏهن چيتن چيو رگهوءَ کي ته: ”هاڻ ڪهڙي صلاح؟“

ان تي هندي واري به چيو آهي ته:

تين بلائي تيره آئي، سنو گيان ڪي باني،
رگهو چيتن ڪو ڪهي: ”جوڙ دي دال مين پاني.“

رگهوءَ چيس ته: ”ادا صلاح اها آهي ته دال ۾ ڪٽي پاڻي وجهو.“

انهيءَ تان هي به چوٽي آهي ته: ”تين بلائي تيره آئي جوڙ دي دال ۾ پاني.“

هنن پوءِ دال جو ديڳڙو، سجو ڪٽي پاڻيءَ سان پريو ۽ ڊند ڪري وينا مهمانن کي ڪارائڻ. اڳيان هو به ڪي تر جا ڏڪاريل ٿي پانيان، سو رڳو آڻ پئي پيئي. آخر سپ اتو ۽ دال مهمان ڪائي ويا ۽ هنن ٻن ڀائرن کي بک ماريائون. تنهن تي ٻئي چوڻ لڳا ته:

”تين بلائي تيره آئي، ديکو يهان ڪي ريت،
باهر والي ڪا گئي اور گهر ڪي گاوين گيت.“

(مهراج جنگيرام مترا وارو)

ڏکيا لفظ:

گيت ڳائين يعني بک ڪين.

سانتيڪو پرساد معنيٰ دال روٽي.

۴۵. ٻائي ٻير، اڍائي سير.

ڳالهه پهاڪي ۾ پيئي آهي.

بنياد:

”اي ٻائي! ٻير تا وڪامن؟“

”ڪهڙو اگهه؟“

چي: ”پئسي يا ٽکي اڍائي سير.“

ٻير اهڙا سستا تڏهن ملندا، جڏهن ڪنهن ڪم جا نه هوندا. تنهنڪري هيءُ پهاڪو انهيءَ معنيٰ سان چئبو آهي ته: ”آهي چا، ليي چا؟“ يعني منجهس ڪي ڪينهي.

پيٺيو:
1- ڏوڙ ڏاٽيون، اٽي-چاٽيون.
2- ڏوڙ ڏڪا، دانگيءَ-پڪا.
3- ڏوڙ چائي، ٻڪ اڍائي.

٤٦. ٻائي جو ٻائو، تيوڻ جو تيوڻ.

بنياد:
ڪنهن ٻائي کان پڇيائون ته: ”نالو ڇا اٿيئي؟“
هن چيو ته: ”واڳڻ داس“
هن جي نالي جي اکري معنيٰ آهي: سيئل واڳڻ. تڏهن اڳلن ائين چيو. (رام چند مورج مل)
هنديءَ ۾ به چوڻي آهي ته: ”باواجي کي باواجي، باجنتري کي باجنتري“.
اهو هن ڪري چيائون جو: هڪڙي ٻائي کان ڪن شبد ڪرايا پر کو ڍولڪ وڄائڻ وارو کو نه هو. تنهنڪري ڪيس چيائون ته: ”ڳاءِ به تون ته وڄاءِ به تون.“
اهڙيءَ طرح جڏهن ڪنهن کي ٻه جدا ڪم ڪرڻا پون يا ڪا شيءِ ٻن طرح ڪم اچي، تڏهن ائين چئبو آهي.
ڏکيا لفظ:
داس معنيٰ سيئل تيوڻ.

٤٧. ٻليءَ شير پڙهايا، ڦير ٻلي کون ڪاوڻ آيا.

بنياد:
هڪڙي ٻليءَ، ڪنهن شينهن جي ٻچي کي چنبن هلائڻ جي وات سيکاري. شينهن جي ٻچي کي پوءِ دل ۾ آيو ته: ”متان ٻلي وڃي سيني کي ٻڌائي ته هي منهنجو شاگرد آهي.“ تنهن کان پهريائين مٿس چنبا ٿي هلايائين.
ٻلي يڪدم ڊوڙي وڃي ڪنهن وڻ تي وڃي. شينهن جي ٻچي چيس ته: ”ناني وڻ تي چڙهڻ ته مون کي تو سيکاريو ئي کو نه.“
ٻليءَ چيس ته: ”ٻچا! اِهو علم به جي تو کي سيکاريان ها ته پوءِ تنهنجي چنبي کان اڄ ڪيئن بچان ها!؟“
مراد ته: ٻچڙي کي چڱي مت ڏسڻ، پاڻ لاءِ جنجل پرائڻ آهي.
پيٺيو:
چڱائي ڪجي جڻَ سان، جڻُ ڦيري هٽي پَٽَ سان.

٤٨. پري ٻيڙيءَ ۾، واڻيو ڳوُرو.

بنياد:
ڪنهن تَڙَ تي ڪي مسافر پتڻ لنگهڻ لاءِ منتظر وينا هئا، جو ٻيڙي پرينءَ پر هئي. جڏهن ٻيڙي پراران آئي، تڏهن سيئي پنهنجا ٽپڙ کڻي ٻيڙيءَ ۾ ڪاهي پيا. پاٽڻيءَ چين ته: ”سيئي ماڻهو هيڪاندا چاڙهي ڪين سگهندس، تنهن ڪري هڪڙو به توهان مان لهي.“
ٻيا پتڻ لانگهائو سڀ مسلمان هئا، باقي هڪڙو واڻيو هو ۽ هن سان بوجو به ٻين کان گهڻو هو. تنهنڪري سيني اچي مٿس زور رکيو ته: ”تون لهه.“
تنهن تي واڻيي ائين چيو.
جڏهن ڪنهن پاڻاريءَ مان ڪنهن کي ڪنهن سبب، اڻاري ڪيندا آهن، تڏهن ائين چئبو آهي. انهيءَ معنيٰ سان ته: ”هن کهڙو بار ڏنو اٿوَ جو لوڏيوس ٿا.“

٤٩. پڳي سان ئي پير، جيسين رتو راس ٿئي.

بنياد:
هي پهاڪو شاهه جي رسالي جي سُر ڪاپائتي جي فصل پهرئين جي يارهين بيت جي پهرين سِٽَ آهي.

پڳو ئي پير، جاسين رَتو راس ٿئي،
بُريءَ بيڪاريءَ سان، هاري پاڻَ مَ هير،
ڪَتُ ڪتينديون ڪيرُ، نئين سين نہ ڄاڻجي؟

پهاڪي جي معنىٰ آهي تہ: پڳل ائٽ سان ئي ڪم هلاءِ، جيسين ڳاڙهو تيار ٿئي.
شاهه صاحب اها ٿُڪ انهيءَ مراد سان چئي آهي تہ: سڻي ساڄَ جي اميد تي، ماٺ ڪري ويهڻ نہ گهرجي. يعني بيڪار نہ رهجي پر چرخي کي پيو چورجي. مگر پهاڪو انهيءَ مراد سان ڪم آڻبو آهي تہ: ”جُڙيءَ کي جَسُ.“
يعني حال جيڪي هجي تنهن سان ڪم ٽپائجي.
ڏکيا لفظ:
رتو معنيٰ ڳاڙهو يا نئون ائٽ.
ساڄ معنيٰ

٥٠. پلو پير، کي پلو ويساهہُ.

بنياد:
هڪڙي بادشاهه پنهنجي وزير کان پڇو تہ: ”پلو پير کي پلو ويساهه؟“
وزير چيو تہ: ”ويساهہُ!“
بادشاهه چيس تہ: ”نہ، پير پلو آهي.“
خير، وزير ڪٽي ماٺ ڪئي ۽ دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين تہ: ”ڪنهن وقت وجهہ وٺي بادشاهه کي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرائيندس تہ: پير کان بہ وڌو آهي ويساهه“. هن پوءِ ڪا سٽ سِٽي پر ڪنهن کي ان ڳالهہ جو پتو نہ ڏنائين.
هڪڙي دفعي بادشاهه کي ڪيڏانهن جنگ تي وڃڻو هيو. وزير هيءُ وجهہ وٺي چيس تہ: ”جيئندا قبلا! فلاڻي هنڌ ڪنهن پير جي درگاهه آهي ۽ اتان گهڻن کي فيض رسيو آ. تنهن ڪري منهنجو عرض آهي تہ توهين انهيءَ پير جي زيارت ڪري، پوءِ جنگ تي چڙهو تہ ڏٺي ڪندو تہ توهان جي اڻ پڇو فتح ٿيندي.“
بادشاهه کي اها صلاح وڻي. سو وزير سان گڏجي، انهيءَ پير جي زيارت ڪري پوءِ جنگ تي چڙهيو ۽ فتح ٿيس.
بادشاهه پوءِ وزير کي چوڻ لڳو تہ: ”هاڻي مونکي واقعي پڪ ٿي آ تہ ويساهه کان پير پلو آ.“
وزير چيو تہ: ”سائين! اچو توهان کي رنگ ڏيکاريان.“
هن پوءِ بادشاهه کي ساڻ وٺي وڃي، انهيءَ پير جي تربت کوٽائي تہ مئل گڏهہ منجهہ پيل ڏسڻ ۾ آيو. بادشاهه وائڙو ٿي پڇيو تہ: ”هي ڇا؟“
وزير چيو تہ: ”اهو سڄو قصو هٿرادو هو ۽ خاص توهان کي پڪ ڪرائڻ لاءِ ائين ڪيو هوم. جو پير کان ويساهه وڌو آهي.“

٥١. پُلي پاڻ آئي، سا بہ نہ پُلي.

بنياد:
ڪنهن وچار جي وڇ، جهنگ چرندي ڪنهن پاسي نڪري وئي. هن گهڻو ئي ڳوليس پر پتو نہ پيس. آخر هي ٻيو مال ڪاهي، گهر ڏي آيو ۽ ميهن کي وٿاڻ تي ڇڏي، ورِي وڇ جي ڳولها ۾ نڪتو تہ وچ پاڻ-مرادو، پاڻ (وٿاڻ) ۾ پيهي آئي. تڏهن وچار ائين چيو.
جو ماڻهو ٻچڙن ڪمن کان باز ايندو آهي، تنهن بابت ائين چوندا آهن. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ هيئنئن بہ چون تہ: ”ڪري ڪري جنهن نہ ڪئي، تنهن بہ نہ ڪئي.“
يعني: ٻچڙا ڪم ڪري ڪري جنهن آئينده لاءِ توبه ڪئي، تنهن لاءِ ائين ڄاڻبو تہ: ”ٻچڙا ڪم اڳي بہ ڪين ڪيا هئائين.“

٥٢. پنگان چيز ڀُڏن، لنڊي رووي ڪٽڪ ڪون.

بنياد:

هڪڙي هنڌ، ڪٽڪ ۽ پنگ جي پوک، هڪ ٻئي پرسان بيٺيون هيون. اوچتو برسات ڏاڍي ٿي. جنهنڪري ٻئي پوکون، ٻڏڻ لڳيون. پوک-ڏٽيءَ جي جوءِ، زيان ٿيندو ڏسي، ڪٽڪ جي ٻڏڻ جو ارمان ڪائي روئڻ لڳي. اوچتو اتاهون موالي هڪڙو لنگهيو، تنهن هي پهاڪو چيو.

مطلب هي، جو سڀ ڪنهن کي پنهنجي مطلب واري ڳالهه ۽ دل گهربل شيءِ وڻي. پوءِ ٻئي کي وڻي نه وڻي ته ڇا؟ (گلشڪر)

٥٣. ترت دان، مها پچ.

بنياد:

هڪڙو برهمڻ، لکي پڙهي کين جاڻندو هو. تنهن کي سنديس استريءَ چيو ته: ”پنهنجي ملڪ جي راجا وٽ ڏهاڙي صبح جو وڃي چئو ته: ”ترت دان مها پچ“ ته هو توکي ڪجهه نه ڪجهه اوس ڏيندو.“

هن ائين ڪيو ته راجا هن کي پنج رپيا ڏنا. هو پوءِ روز ائين ڇئي پنج روپيا وٺي ايندو هو.

هڪڙي دفعي راجا ڪن ٻين برهمڻن جي چوڻ تي، انهيءَ برهمڻ کان پڇو ته: ”ترت دان، مها پچ“ جي معنيٰ ڇا؟“

برهمڻ چيو ته: ”ان جو ارٿ سڀاڻي ٻڌائيندس.“

هن پوءِ پنهنجي استريءَ سان ڳالهه ڪئي. استري ويچار ۾ پئجي ويئي. ڪنهن وقت ياڻيائين ته ڪو چوينم ٿو ته فلاڻي ديس ۾ جو راجا آهي تنهنجي راڻيءَ کي سورهن مهينا گرڀ نهرئي ٿيا آهن ته اڃا موڪ نه ٿو ٿئيس. توهان جو راجا جڏهن انهيءَ ملڪ ۾ ويندو ۽ هن ملڪ جي راڻي سندس منهن ڏسندي تڏهن هن کي ٻالڪ ڄمندو. انهيءَ ٻالڪ کان جيڪڏهن راجا ”ترت دان مها پچ“ جو ارٿ پڇندو ته اهو ٻالڪ کيس ارٿ ٻڌائيندو.

برهمڻيءَ کي انهيءَ ڳالهه تي پرتيت اچي ويئي. تنهن سارو قصو پنهنجي پتيءَ کي ٻڌايو.

ٻئي ڏينهن برهمڻ دستور موجب راجا وٽ ويو ته راجا پنج روپيه ڏيئي چيس ته: ”ترت دان، مها پچ“ جو ارٿ ٻڌاءِ.

برهمڻ پوءِ پنهنجي استريءَ جي سڄي ڳالهه ٻڌايس.

راجا چيو ته: ”اها ڳالهه ٻه جاچبي.“

هو پوءِ اڪيلو سڀهي سنبهي هن ٻئي راجا جي ملڪ ڏي هليو، جنهنجي استري گرڀ-ونتي هئي. واٽ تي راجا برسات پوڻ سبب ڪنهن پناهه لاءِ واجهائڻ لڳو. نيٺ هڪ جهوپڙي ڏسي ان ۾ ويو. انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ زال ۽ مڙس، ٻه ڄڻا هئا ۽ ڪتولا ٻه ٻه هئن. راجا چين ته: ”پڳونت جي ارٿ مونکي هڪ ڪتولو ڏيو.“

زال چيو ته: ”راجا، آءٌ ڪين ڏيندس.“

مرد چيو ته: ”پڳوان جي نالي تان ڪتولو ڇا پر منهنجو سِرُ به قربان آهي.“ هن پوءِ پاڻ وارو ڪتولو راجا کي ڏنو ۽ پاڻ وڃي پٽ تي، ٻنيي وٽ سمهيو.

ڪنهن وقت رات جو ڪو ٻگهڙ آيو سو هن پٽ تي سمهيل مرد کي ماري ويو. صبح جو راجا هن کي مئل ڏسي ڏاڍو ارمان ڪاڻو ۽ هن مائيءَ کي ڪيترا هيرا جواهر ڏيئي، پاڻ کهندو کهندو آخر انهيءَ راجا وٽ آيو، جنهن جي راڻي گرڀ-ونتي هئي. راجا هن کي پاڻُ جاڻايو ۽ هُن راجا چڱي مرحبا ڪيس.

ڪنهن وقت راڻين کي به خبر پيئي ته ڪنهن ڌارئي ملڪ جو راجا اسان جي محلات ۾ مهمان ٿي آيو آهي، سي لڪي لياڪا پائڻ لڳيون. انهن راڻين مان جيڪا گرڀ-ونتي هئي تنهن اڃا راجا کي ڏٺو ته اماڪ هٿ پير لڏائين ۽ پٽ ڄائس. جهٽ پٽ سڄي محلات ۾ واڌايون ورتجي ويئون.

راجا پٽ ڄائي جي خبر ٻڌي هن راجا کي چيو ته: ”توهانجا پير سڀاڳا آهن. منهنجي راڻي سورهن مهينن کان وِيني هئي ۽ اڄ توهان جي آئي هن جو ڇوٽڪارو ٿيو آهي.“

راجا چيس ته: ”جيڪو ڪو ڄائو آهي سو مونکي ڏيکاريو.“

راجا جهٽ نئون ڄاول راجڪمار گهرائي هنج ۾ ڏنس. هن راجا اهو ٻالڪ هنج ۾ جهلي هن کان پڇيو ته: ”ترت

دان، مها پچ، جي ارٿ ڇا آهي؟“
ڪلتار جي قدرت جو اوڏي مهل انهيءَ تازي چاول ڳالهايو. ٻالڪ راجا کي چيو ته: ”هي راجن، آءٌ اهو ساڳيو ماڻهو آهيان جنهن جي جهوپڙيءَ ۾ تو ڪتولو اچي گهريو هو.“ هن راجا جي راڻيءَ کي سورهن مهينن کان گرڀ ٺهريو هو، ٻالڪ ۾ مون واري آتما پوٽي هئي پر راجا جي گهر ۾ جنم نه ڪنهن پڄ سان مونکي ملڻو هو. تو ڪتولو اچي گهريو ته منهنجيءَ استريءَ ناڪار ڪئي. هينئر اُن نياڻيءَ کي نه ٻگهڙ ڪاڏو آهي ۽ هن ڪتيءَ جي جوڻ وڃي پاتي آهي. مون ڀڳونت جو نالو ٻڌي پڄ جهڙو ڪم ڪيو جو توکي اجهو نه ڏنم ۽ ڪتولو نه ڏنم. انهيءَ ترت دان جو وڏو ڦل مونکي اهو مليو آهي جو مون جهٽ اچي راجا جي گهر جنم ورتو آهي. تنهن ڪري چاڻ ته جي ڪنهن جو ڪم ترت وهندي ڪجي ته ته ان جو ڦل وڏيڪ آهي ۽ جي ڪنهن جو ڪم ڪجي پر ريڙهائي ريڙهائي ڪجي ته اهو اهڙو ٿيو جهڙو، ٻڪري ڪير ڏئي پر ڦولهڙين گاڏڙ.“

٥٤. ٿاٽ نئي هڪڙو، نڪر اچي گهٽن کي.

ڏسو: ٻاسڻ هڪڙو ڪٽي، نڪر گهٽن کي اچي.

٥٥. پاڻي پيءِ، نہ ذات پڇجي.

بنياد:
روداس نالي هڪ چمار هو جو مشهور سنت ٿي گذريو آهي. هڪ لڱا کي ساڌو اچ لڳڻ سببان هن جي جهوپڙيءَ ۾ ويا ۽ چيائونس ته: ”اسان کي پاڻي پيار.“
روداس هنن کي پاڻي ويني پياريو ته هڪ ساڌوءَ چيو ته: ”هن جي ذات ته پڇيسين ڪين؟“ روداس انهيءَ تي هڪ شبد چيو آهي ته جنهن جي پهرين ۽ پوئين تڪ هن طرح آهي.
ڪيون پوڇو موري ذات، جوشيئا تم پيئو ڙي پاڻي
سنتو جائو گهر اپڻي، ڪهي روداس سنو پائي ساڌو
همري چمار ذات، جوشيئا تم پيئو پاني.
انهيءَ ڳالهه تان هنديءَ ۾ نہ چوٽيون آهن.
1- پاڻي پيڪر ذات پوڇتي هو؟
2- جو ڪريئي سو ڪيجئي پهلي ڪر نرڌار.
پاني پي گهر پوچنا، ناهن ڀلو ويچار.
يعني تہ جيڪي ڪرڻو هجي سو پهريائين ويچار ڪري ڪجي. اڳ ۾ پاڻي پي، پوءِ گهر پڇڻ چڱو ويچار نہ آهي. مراد تہ ڪو ڪم ڪري پوءِ ڳڻتيون ڪائجن، تنهن کان ڀلو آهي تہ اڳواٽ جاچي جوچي پوءِ ڪم ڪجي تہ پڇتائڻو نہ پوي.

٥٦. پاڻيءَ متي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن.

هي شاهه جي رسالي جي سر سسئي (آبري) فصل 1 بيت 9 جي پهرين سِٽَ آهي.
پاڻيءَ متي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن،
سامان اوڏو سپرين، لوچي تان نہ لهن
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جيئن.

بنياد:
هڪڙو فقير، جو اڪثر وسوسي وارو هوندو هو سو، سيد شاهه ڪريم (بلڙيءَ واري) جي ڳوٺ وٽان اچي لنگهيو. ڪنهن خادم جي هٿان، سيد ڏي چوائي موڪليائين ته: ”پلائي ڪري ڪو پاڻيءَ ڪوزو مونکي ڏياري موڪليو.“
سيد هڪڙو ڪوزو ڏياري موڪليس. پر فقير اهو ورائي موٽائي موڪليو جو چيائينس ته: ”هي پراڻو ڪم آيل آهي، ڪو بيو نئون موڪليو.“

تڏهن سيد نئون ڪوزو ڏياري موڪليس ۽ انهيءَ خادم هٿ چوائي به موڪليائينس ته تون رڳو ڪوزن ڪي پوڄيندو آهين ۽ انهن جي طلب رکندو آهين، اڄ ڪي ڏينهن هن مرد جي خدمت ڪر.“
پوءِ هي بيت چيائين:

”پاٽيءَ اُتي جهوپڙا، مورک اڄ مرن،
دانهون ڪن ملن جيئن، دم نه سڄاڻن.“

(رسالو ڪريمي)

نوٽ: شاهه لطيف، مٿئين بيت ۾ ٽين سِٽَ پنهنجي ملائي آهي ۽ هن بيت جي 2 سٽ جو اڌ اڳي پيڇي ڪيو اٿس.
پيٽيو:
جل مين ڪڙي، پياسن مري.

۵۷. پيچٽا نه منجهٽا.

بنياد:
هڪ لڳا شاهه ڪريم بلڙيءَ واري پنهنجن فقيرن ڪي حق جون ڳالهيون ٻڌائيندي چيو ته: ”خدا جي راهه ۾ پيرن يا هٿن يا زبان سان نه تو هلجي پر دل سان تو هلجي. سو جي هلڻ ۾ شڪ شبهو پوي يا مشڪلات پوي ته ٻئي ڪان پڇجي ۽ تحقيقات ڪجي.“ پوءِ هي بيت چيائين:

”جي پڇٽا سي نه منجهٽا، جي پڇن سي وير،
جو لکڻ منجهه ماڻهوين، سو مکڻ منجهه کير.“

۵۸. پرائي پٽٽي، رن کهائي به ڪن.

هن جي پنيان چون ته: ”هٿئون پيس پنهنجي، تڏهن ڪن وڌيس ڪرن.“
بنياد:
ڪرن نالي هڪڙو ماڻهو هو، تنهن پنهنجي زال بنسبت ڪجهه ابتو سبتو ٻڌو هو. تنهن تان هڪ ڏينهن اڇي تتو. زال ڪي مار ڏيئي چت جي وري ۾ تنگي چڏيائينس ۽ پاڻ چادر تاڻي سمهي رهيو.
انهيءَ وقت هڪ عورت آئي ۽ ڪرن جي زال ڪي ٻاهر اچڻ لاءِ اشارو ڪيائين. هن اشاري ۾ چيس ته: ”آءُ اچان ڪيئن؟“
هن عورت، پوءِ ڪرن جي زال ڪي مٿان لاٿو ۽ پاڻ سندس جاءِ تي منهن ويڙهي تنگجي ٻيهي رهي. ڪنهن مهل ڪرن جاڳيو ۽ هن عورت ڪي پنهنجي زال سمجهي مار ڏنائين ۽ پوءِ ته اهڙو جولان آيس جو ڪٽنديئي ڪپ، هن جا ٻئي ڪن ڪپي ڇڏيائين. هن عورت ڪي رڳو اهو ئي ڊپ هو ته متان مون ڪي سڃاڻي، تنهن منهن پئي لڪايو ۽ سور پئي پيتو.
ڪرن وري به چادر تاڻي سمهي پيو. ڳچ مهل گذري ته ڪرن جي زال آئي. هن عورت چيس ته: ”سگهو اچي منهنجي جاءِ والار! مفت اوهان جي پٽٽي ۾ ٻئي پنهنجا ڪن وڃايا اٿم.“
مراد ته پرائي معاملي ۾ جو پوي تو سو پنهنجي لاڪ لهرائي تو. هي پهاڪو جملي ۾ هن طرح به ڪم آڻبو آهي.
”مونکي کهڙي ڳتي پيئي آهي جو پرائي پٽٽي ۾ پئي، پنهنجا ڪن ڪوهايان.“
مٿين ڳالهه وڌيڪ هن طرح آهي ته ڪرن جي زال وري وڃي پنهنجي جاءِ تي تنگجي رهي ۽ هوءَ ڪنن-وڍي، پنهنجا وڍيل ڪن پٽ تان کڻي، منهن لڪائي اتي پيگي. ڪنهن وقت پنهنجي رنڊٽي ۾ وڃي هئي ته مڙس سڌ ڪيس پر هن جواب ڪو نه ڏنس. تنهن تي سندس مرد چيو ته: ”ڪن وڍيئي! ڇا ٿيئي؟ جو جواب نٿي ڏين؟“
هن هيءُ وجهه وٺي ٻئي ڪن ڪٽي پٽ تي ڦٽا ڪيا ۽ مڙس ڪي چيائين ته: ”تو مونکي پِٽيو تڏهن منهنجا ٻئي ڪن ويا.“
مرد پنهنجي زال جا ڪن، سچ پچ ڪريل ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ چيائين ته: ”مون ائين ڪو نه ٿي ڄاتو ته جيڪي چوندس سو ٿي پوندو.“
زال چيس ته: ”ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي. اڳتي چپ چتي ڳالهائيندو ڪر.“

هوڏانهن ڪرن جاڳيو، تنهن پنهنجي زال کي چيو ته: ”رن، ڪن ته ڪپيامانءِ هاڻ نڪ ۾ چپ به تو ڪپيانءِ.“
زال چيس ته: ”جي آءٌ ستياڻي آهيان ته الله سائين منهنجا ڪن وجائيندو ئي ڪين.“
ائين چئي پنهنجا ڪن ڏيکاريائينس. ڪرن هن جا ٻئي ڪن سلامت ڏسي، ڏاڍو عجب ۾ پيو ۽ ڪانئس بخشاڻ لڳو.

٥٩. پرائي ڏيو تان، ڪارڪ به چڱي.

بنياد:
هڪڙو ماڻهو پاڙوسيءَ سان گڏجي سندس ڏيو جي استان تي ويو. جڏهن گهر آيو تڏهن پاڻس پڇيس ته: ”چا مليئي؟“
چي: ”ڪارڪ.“
اهڙن استانن تي وجبو آهي ته ڪجهه هٿ پرسادي ملندي آهي.
پاڻس چيس ته: ”بس، مليئي به ڪارڪ“.
تڏهن هن کي اهو جواب ڏنائين. يعني: ”جيڪي مليو، سو لاڀ ليکي“.
پيٽيو:
مفت را چه بايد گفت.

٦٠. ”پريا مڙس! تئي جٽينڊين؟“ چي: ”ويني وڏي پوندس چا؟“

ڳالهه پهاڪي ۾ ئي پيئي آهي.
جڏهن ڪو نڪمٽو ماڻهو پنهنجي شان وٽان ڪو ڪم نه ڪندو آهي، تڏهن ائين چوندا آهن. انهيءَ معنيٰ سان ته: ”نڪمٽو وينو آهي، ٻي ڪرت ڪا نه اٿس. تنهن ڪان اها ئي ڪرت ڪار.“

٦١. پئنچا نال، ايڪا دشي.

بنياد:
ائين ٿيندو آهي ته ڪڏهن ڏسهن ۽ گيارس گڏ ٿين ۽ ڪڏهن گيارس ۽ ٻارس گڏجن.
هڪ لڳا به ٿيون اچي اهڙيءَ طرح گڏيون سو ڪي مصر چون ته: ”گيارس اڄ آهي“ ۽ ڪي چون ته: ”سياڻي آهي“.
ڳوٺ جي ماڻهن پوءِ مکيءَ کان پڇيو ته: ”ايڪا ڏشي ڪڏهن ٿا واريو، اڄ يا سيان؟“
مکيءَ چار پئنچ ميڙي گڏ ڪيا ۽ سيني گڏجي نهراءُ ڪيو ته: ”گيارس اڄ آهي“.
اهو نهراءُ ٻڌي، سيني ماڻهن انهيءَ ڏينهن ايڪا ڏشيءَ جو ورت رکيو. تنهن تان اها چوٽي پيئي. مراد ته جيئن چار چڱا ڪن تئن پاڻ به ڪجي.
پيٽيو:
1- سا ساڏن جي، سا پئنچن جي.
2- پانچ پئنچ مل ڪيجي ڪام، هار جيت آوي نهين لاج.
3- مرگ انبوه، جشن دارد.
4- هاريو به هر سان پلو.

٦٢. پئنچن ۾ پرميشور.

بنياد:
ڪنهن مکيءَ جي پٽ کي دل ۾ آيو ته: ”بابي سائين کي نڪا قاعدي نڪا قانون جي سڌ، پوءِ ڳوٺ وارن ماڻهن جا فيصلا ڪئن ٿو پوريءَ طرح نبيري سگهي.“
خير، هڪڙي ڏينهن هي وڃي ڪنهن سنگتيءَ جي گهر رات رهيو. سندس سنگتيءَ کي به زالون هيون. هڪڙيءَ

مان پٽ هوس ۽ ٻيءَ مان ڪو ٻار ٻچو ڪو نہ هوس. انهيءَ رات اهڙو ڪو ڪارڻ ٿيو جو ٻار جي رئڻ ڪري ماءُ خفي ٿي. هن ڪي ڪٽي گهٽو ڏنو ۽ هو مري پيو.

ماءُ کي پوءِ خيال ٿيو تہ: ”مڙسم جا هن ۾ پران سو مون سان جٺ ڪندو.“ تنهن ڪان چا ڪيائين جو مئل پٽ، پهاچ جي ويجهو چڏي پاڻ وڃي سمهي پيئي.

مکيءَ جي پٽ، سارو رنگ ڏٺو. تنهن دل ۾ چيو تہ: ”هاڻ پاٽيهي بابي سائين جي خبر پوندي. ڏسان هن ڳالهہ جو فيصلو ڪيئن ٿو ڪري.“

صبح ٿيو تہ چوڪري جي ماءُ، هوءِ هوءِ مچائي ۽ پهاچ کي پٽڻ لڳي. مڙس هي حادثو ڏسي جلي ويو ۽ پنهنجي ٻيءَ زال کي چوٽيءَ کان گهليندو پئنچات ۾ وٺي ويو. پنچات ۾ مکيءَ کي وڃي چيائين تہ: ”هن ڏائڻ منهنجو سڪيلڏو پٽ ماريو آهي. تنهنڪري پئنچات جيسين هن جي ڪل، بهہ سان پرائي هن کي درياهہ ۾ نہ لوڙهائيندي، تيسين منهنجي اندر کي ٺار نہ پوندو.“

مکيءَ جو پٽ بہ پنچات ۾ ويو هو. سو دل ۾ پيو چوي تہ: ”اجها کي ڪجها، ڏسان تہ بابو سائين ۽ پئنچ ڪهڙو ٿا فيصلو ڪن.“

مکيءَ ۽ پئنچن پوءِ پاڻ ۾ صلاح ڪري، هن مرد کي چيو تہ: ”پنهنجي ٻيءَ زال کي بہ گهراءِ.“ جڏهن چوڪري جي ماءُ آئي، تڏهن مکيءَ پڇيو تہ: ”تنهنجي پهاچ، برابر تنهنجو پٽ ماريو آهي؟“

زال چيو تہ: ”هائو“.

مکيءَ پوءِ هن تهمتڻ کي پاسيرو وٺي چيو تہ: ”تو تي خون جي تهمت پوري پوري آهي پر جي تون رڳو پنهنجي ٽنگ ٿوري اگهاڙي ڪرين تہ تو کي چڏي ڏيان“.

زال وراٽي ڏنيس تہ: ”مونکي موت قبول آهي پر آءٌ اهڙو ڪم نہ ڪنديس.“

مکيءَ پوءِ ٻي زال کي پاسيرو وٺي چيو تہ: ”تنهنجي پهاچ ڏوهہ نٿي قبولي پر جي تون پنهنجي ٽنگ ٿوري اگهاڙي ڪرين تہ پوءِ تنهنجي ڳالهہ تي اعتبار ڪري تنهنجي پهاچ کي سزا ڏيان.“

زال چيو تہ: ”ائين ڪرڻ ڪان لڄ ٿي اچي پر جڏهن توهان جي اهڙي مرضي آهي تڏهن مونکي ائين ڪرڻ ڪان عار ڪونهي.“

مکيءَ پوءِ سيني پئنچن سان اها ڳالهہ ڪئي. هنن پوءِ فتوىٰ ڏني تہ هن نر-لڄئي پنهنجو پٽ پاٽيهي ماريو آهي، تنهن ڪري هن کي سزا ملڻ گهرجي. هيءُ فيصلو ٻڌي مکيءَ جي پٽ چيو تہ: ”پئنچن ۾ پرميشر آهي. نہ تہ اهڙا معاملا جيڪر هو ڪيئن نبيري سگهن؟“

پيٽيو:

1- پئنچ جهان پرميشر.

2- پئنچ مکہ پرميشر.

3- زبان خلق، قپان خدا.

4- بجا ڪهي جسي عالم، اسي بجا سمجهو،
آوازِ خلق ڪو، نقاره خدا سمجهو.

٦٣. پيادن مان هسوار، هسوارن مان پيادا.

بنياد:

هڪڙو بادشاهہ، گهوڙي تي سوار ٿي ڪيڏانهن ويو پئي تہ هڪ عامل شخص گڏيس. تنهن ڪان پڇيائين تہ: ”ڏٽيءَ جا ڪيل جو عجب چوندا آهن، سو ڪيئن؟“

درويش چيس تہ: ”گهوڙي تان لهي هيٺ ٿي تہ آءٌ توکي ٻڌايان.“

بادشاهہ گهوڙي تان هيٺ لٿو تہ درويش لانگ ورائي گهوڙي تي چڙهي وينو ۽ بادشاهہ کي چيائين تہ: ”ڏٽيءَ جا عجب ڪيل اجهو هئڻ آهن جو پيادن مان هسوار ۽ هسوارن مان پيادا ٿو ڪري.“

ڏکيا لفظ:

هسوار معنيٰ سوار.

٦٤. پير ڪان ٻه وڏو آهي ويساهه.

ڏسو: پلو پير ڪيءِ پلو ويساهه.

٦٥. پير کي ڪم، نڪاءِ سان.

بنياد:

هڪڙي ماڻهوءَ ڪنهن پير تي سڪا ڪئي ته جي منهنجو فلاڻو ڪم راس ٿيندو ته آءٌ درگاهه تي اچي ناريل پچندس. جڏهن مراد پوري ٿيس، تڏهن دل ۾ چوڻ لڳو ته: "منهنجو ڪم ٿيو. پوءِ آءٌ جو وڃي ناريل تي پئسا خرچيان، تنهن کان پير جي درگاهه تي ڏوڏو وڃي ٿو پچان، جو پير کي ڪم نڪاءِ سان. پوءِ ناريل نه ته ڏوڏو ئي سهي."

مراد ته، تڪليفن ۾ گهٽي ئي باسون ٿيون باسجن ۽ ڏٿيءَ کي ياد ٿو ڪجي. پر ڪم لٿو ته نه اهي سڪائون پوريون ڪرڻ ٿين ۽ نه ڏٿي ياد پوي.

هيءُ پهاڪو تڏهن ڪم آڻبو آهي، جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪم جو الو پلو ڪري پورائي ڪندو آهي.

٦٦. پيو ڏيئاڻو، ويو پيئاڻو.

منو سمرتيءَ جي 3 اڌياءَ جي 51 شلوڪ ۾ چيو آهي ته: "ڪنهن ٻه پتا کي پنهنجي ڌيءُ پرڻائي ڏيڻ جي عيوض ڪجهه ٻه نه وٺڻ گهرجي ۽ جيڪو ماڻهو لالچ ڪري ڪجهه ٻه وٺندو، تنهن ڄڻ ته ڪنيا وڪٽي."

منو ڀڳوان جي انهن وچنن جو، هندو ماڻهن جي دلين تي اهڙو ته اثر ٿيو جو نياڻيءَ جي گهر جو پاڻي پيئڻ ٻه پاپ ڪري سمجهڻ لڳا ۽ اهو وهم ايتري قدر ته ويهي وين جو اها چوٽي پيئي.

جنهن جو مطلب آهي ته: گهر ۾ جي نياڻيءَ جو پئسو ڏوڪڙ پيو ته پيءُ جو اڌو تڏو، چٽ.

٦٧. ڦاڙهو جاتي ڪائي، تاتي اوجهه ڏئي.

بنياد:

ڦاڙهي جو شڪار هن طرح ڪندا آهن جو: ٻپرن جون ٽاريون يا ساوا گاهه، ڪنهن ٻيلي ۾ رکي اچن. ڦاڙهو هڪڙي ڏينهن اهي ڪائي ويو ته ٻئي ڏينهن اوس انهيءَ ڪاڏي جي لالچ تي وري ايندو. ٻئي ڏينهن جڏهن اچي، تڏهن بندوق هٽي ماري وجهنس. انهيءَ ڪري هي پهاڪو چيو اٿن ته: "ڦاڙهو جتي ڪائي، اتي اوجهه ڏئي." يعني مري.

مراد ته: "لالچ، بُري بَلا"

٦٨. جاتي ڪير تاتي ڪنڌ، جاتي جهڻ تاتي لوڻ.

بنياد:

ڪنهن حڪيم کي پنهنجي ڳوٺ ۾ گهٽو روزگار نه ٿي لڳو. سو پنهنجو ڳوٺ ڇڏي، ٻيا ڳوٺ ڇتائڻ ويو، جتي گهڻا ماڻهو بيمار پوندا هجن ۽ روزگار ججهو لڳي. هيءُ منزلون هٽندو هٽندو آخر هڪڙي ڳوٺ ۾ آيو. اتي ڏٺائين ته: جيڪو تيڪو ڳوناڻو جهڻ پيو پيئي.

حڪيم دل ۾ چيو ته: "هتي ضرور ماڻهو بيمار پوندا هوندا، جو جهڻ پيئڻ ڪري ڪنهن کي ليس ڪنهن کي ڪنگهه ۽ ٻيون بيماريون ٿينديون هونديون."

ٻه چار ڏينهن هيءُ انهيءَ ڳوٺ ۾ ترسيو پر وٽس دوا ستيءَ لاءِ ڪو ڪو نه آيو. تڏهن عجب ۾ پئي ڪنهن کان پڇيائين ته: "هتي ماڻهو جهڻ پيئن ته ٻه بيمار ڪو نه پون. سو سبب ڪهڙو؟"

هن چيو ته: "جهڻ ۾ سيڪو لوڻ جا ٻه-ٽي ڪڏا وجهي پوءِ پيئندو آهي. ماڻهو جيئن ڪير ۾ ڪنڌ وجهن تيئن هت

جهڙ ۾ لوڙ ضرور وجهن.“
انهيءَ تان هي پهاڪو چوڻ ۾ آيو.

٦٩. جاڳندن جون وڃون، ستلن جا ڪونهان.

اصل هندي: جاڳتي ڪي ڪٽيئہ، سوتي ڪا ڪٽڙا.
بنياد:
ڪي ميهار پنهنجو مال ڪاهي، ڪيڏانهن ڪنهن سانگي تي ويا. واٽ تي هڪڙي هنڌ رات پين. سو اتي ڏاڀو ڪيائون. سندين مينهن مان ڪيترين سنئين مهيني هيون. تن انهيءَ رات ويم ڪيو. مالدارن مان جيڪي اڳ ۾ جاڳيا، تن وڃون ڪٽي پنهنجين مينهن سان لاٽيون ۽ باقي ڪونهان (پاڏا) ستلن ميهارن جي مينهن سان لائي ڇڏيائون. جڏهن هو ستل جاڳيا، تڏهن سڀ وڃون ٻين جي مينهن سان ۽ سڀ پاڏا پنهنجين مينهن سان لڳل ڏسي، ائين چيائون.
مراد تہ: ”سستي يا غفلت مان ڇيهو آهي.“

٧٠. جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توڪي، قنڌاران جوڪو.

بنياد:
هيءُ پهاڪو، ماموئي فقيرن جو چيل آهي. انهن جو قصو تمام وڏو آهي. پر توري ۾ مطلب تہ: هنن ڪي اڳ-ڪٿي ڪرڻ جي ڪنهن طرح سگهہ ملي هئي ۽ هو اُها پيشنگوئي ڪري ويا آهن تہ سنڌ ملڪ کي هميشہ قنڌار جي طرف کان جوکو آهي. يعني سنڌ تي جيڪڏهن ڪو دشمن ڪاهي ايندو تہ قنڌار کان ۽ نہ ٻئي طرف کان.
هن پهاڪي جي ٻي ڪا مراد ڪانهي (ماموئي فقيرن جي قصي لاءِ ڏسو مصنف جو ناهيل ڪتاب: ”سنڌ جون سوڪڙيون“)

٧١. جر نئيس، جيڏي نہ نئيس.

بنياد:
هڪڙي عورت درياءَ جي پر تان هڪڙو مڇيءَ جو ڏنيرو لڌو. اوچتو پريان ٻي عورت اچي سهڙي. تنهن اُن ڪرڙي تي پنهنجي دعوىٰ ڪئي. تڏهن اُن عورت اهو ڏنيرو درياءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيو. (گلشڪر)
ڪي اهو پهاڪو هن طرح چوندا آهن: ”جر نئيس، جيڏي نيئس، پنهنجي نہ نئيس.“ يعني جر يا جل کٽي وڃيس تہ کٽي وڃي. ڪا ساهيڙي-ستہ کٽي وڃيس تہ بہ اهو قبولي. پر پنهنجي ڪنهن مٽ مائٽ کي، جيڪو کٽندو، ڪين سهي.
ڀيٽيو:
1- ٻڌو سهڻ، ڏنو نہ سهائڻ.
2- سڱ ۾ ساڙو، رت ۾ باهہ.
3- الاقارب ڪالعقارب.
ڏکيا لفظ:
جر يا جل معنيٰ درياءُ.

٧٢. جنهن جو ڪم سو ئي ڪري، ٻيو ڪري تہ گهاٽو پري.

اصل هندي: جسڪا ڪام تسڪو ساجي، اور ڪري تو نينگا باجي.
بنياد:
هڪڙي واپاريءَ کي ڪنهن واپار مان ڏاڍو فائدو پيو. هڪڙي پٽ اها ڳالهہ ٻڌي، وڃي انهيءَ واپار ۾ هٿ گهڙيو تہ ستر سيڪڙو نقصان پيس. تنهن تي هنديءَ واري چيو تہ:
بنج ڪرينگي بنيين، اور ڪرينگي ريس،

بنج ڪيا تا پٽ ني، سؤ ڪي رھ گئي تيس.

يعني وٽج ڪندا واپاري، ٻيا ڪندا ريس، پٽ ھڪڙي وٽج ڪيو تہ سؤ مان باقي ٽيھہ وڃي بچيس.

انھيءَ ساڳي ڳالھ تان ٻيو ھي پھاڪو آھي تہ:

ھڙ بہ گاسو، لوڪ بہ تماشو.

پٽ جي ھڙ بہ گٺي ۽ لوڪ بہ پاڻ تي کلايائين.

ڏکيا لفظ:

وٽج ڪندڙ معنيٰ واپاري.

نينگا باجي معنيٰ لوڪ کلائي.

٧٣. جنھن کي ويني سُڌ نہ پيئي، تنھن کي ٻيني ڇا پوندي؟

بنياد:

ڪنھن راجا کي ڏيءُ اُڪلائڻ جي ڏاڍي ڳڻتي ھئي پر پاڻ جھڙو شريڪ نٿي مليس. تنھن ڪري ماٺ ڪيو وينو ھو. ھن پنھنجي راڻيءَ سان بہ ڪڏھن پنھنجي انھيءَ ڳڻتيءَ جي ڳالھ ڪا نہ ڪئي. راجڪماري ائين پيئي سمجھندي ھئي تہ: ”ابي سائينءَ کي پنھنجي راجائيءَ وچان منھنجو ويچار ڪونھي.“ تنھنڪري ھوءَ اٺندي وھندي ماءُ سان اٽڪل سان ڪونگھرو ڦيھيندي ھئي تہ من ھيءَ اُتي راجا جي ڪڙي تپائي.

ھڪڙي ڏينھن ماڻس چيس تہ: ”جڏھن پٽھي ماني کائڻ اچي، تڏھن تون وڃي اڳيان ٻيھجانس تہ من سماءُ پويس تہ تون ايڏي وڏي ٿي ويئي آھين ۽ وڌيڪ وھارڻ جھڙي نہ آھين.“

تنھن تي راجڪماريءَ ائين چيو.

پيٽيو:

چوڻ سان جو نہ سمجھي، سو اشارو ڇا سمجھي،

جو پنھنجي نہ پرائي سمجھي، تنھن کي خدا سمجھي.

٧٤. جني ڪارڻ موند منڊايم، سيئي سور وري سامھون آيم.

بنياد:

ھڪڙي مھا سست کي، پيٽ لاءِ پورھيو ڪرڻ، ٻرو پئي لڳو. ھو پوءِ موند منڊائي يعني مٿو ڪوڙائي وڃي فقير ٿيو. جو ڏٺائين تہ فقيرن کي پيٽ لاءِ پورھيو ڪرڻو نٿو پوي ۽ ھنن کي مفت ۾ ماني ٿي ملي.

جڏھن بہ چار ڏينھن در در تي ڏڪا کاڌائين. تڏھن ائين چيائين. جو پورھئي ڪرڻ کان در در تي ڏکا کائڻ ۾ وڌيڪ تڪليف آھي.

ڪو ماڻھو ڪنھن تڪليف کان ڀڄڻ جا اپاءَ ڪري ۽ وري بہ اھا ساڳي تڪليف منھن ۾ اچيس، تڏھن ائين چئبو.

٧٥. جھڙي برڙي ڪئي ٻارن سان.

بنياد:

لائي لاباري جي مند ھئي. ڳوٺ جا مرد زالون وچٽا ھئا ٻنين تي، پر ٻارن کي ڪن ڪاڏي؟ آخر ڪيائون ڇا جو برڙي ذات جو ھڪ ماڻھو، جو گھر وينو ھو، تنھن کي پارت ڪيائون تہ: ”ٻارن جي سنڀال ڪجانءِ.“

پوءِ پاڻ سويرو ويا لوب تي ۽ وڃي پنھنجي ڪم کي لڳا. برڙي ٻارن جي سنڀال پئي ڪئي پر ڪو ڪتان پيو ٻاڪاري تہ ڪو ڪتان. سو مڙس اھڙو اچي ٻر ٿيو جو سيني ٻارن کي ڪٽي گنديءَ ۾ وڌائين ۽ مٿئون چاپڙ ڏيئي، ويو سندن مائٽن کي خبر ڏيڻ تہ: ”مون ڪان ٻار سنڀاليا نٿا ٿين، آءٌ تہ گنديءَ ۾ وجھي ھليو آيو آھيان. اتي ٻار پيا رئنوَ ۽ دانھون ڪنوَ. اوھين وڃي ڪا پوئواري ڪريون.“

برڙي جا ائين ٻارن سان ڪئي. (جوت اپريل ١٩١٠ع)

جملي ۾ ھن طرح ڪم آڻبو: ”مون ھن سان اھڙي جُٽ ڪئي، جھڙي برڙي ڪئي ٻارن سان.“ يعني: ڏاڍي جُٽ

ڪئيمانس.

٧٦. جهڙي چالي، تهڙي پني.

بنياد:
سمن جي گهراڻي جو هڪ شهزادو، ڪنهن گهٽ ذات جي ڇوڪريءَ سان پرڻيو هو. ”ڏٻگر جي ڌيءُ، عطريءَ جي گهر ۾“. اهڙو ليکو ٿيو هو.
هڪڙي ڏينهن هن زال کي اکين ۾ چالين پوڻ سبب تمام گهڻو هلاڪي ٿي. شهزادي سندس لاءِ ان وقت جي هڪ حاذق حڪيم کي گهرائي، سندس اکين جو ڏپ دارون ڪيو پر هن کي ڪو فائدو ڪو نه ٿيو.
نيٺ هڪڙي ڳوناٺي چيو ته: ”هيءَ گهٽ ذات جي ڇوڪري، اُچين دوائن مان نه ڇٽندي. هن جي ٻڻ تي نظر ڪري هن کي دوا به اهڙي ڏيڻ گهرجي.“ هن پوءِ ڇا ڪيو جو ٻڪڪيون جهلي، انهن جو پوٽيش ناهي، پهريائين اکين تي ٽاڪور ڪيائينس ۽ پوءِ اها پٽي ڪري مٿي تي ٻڌائينس. ڏٽيءَ جي قدرت جو هن کي ان مان فائدو ٿيو ۽ هوءَ چڱي ڀلي ٿي پيئي. (بذايل مستر مرزا قليچ بيگ جي).
جڏهن ڪي به ماڻهو، هڪ ٻئي جي آرسي هوندا آهن يعني ٻئي هڪٻئي جهڙا ڪريا ڪيريا، ڪني سياءَ وارا هوندا آهن، تڏهن چئبو آهي ته: ”جهڙي چالي تهڙي پني، هِن لاهي هُن کي ڏني“.

٧٧. جهڙي نيت، تهڙي مراد.

بنياد:
نيت نالي هڪ مائي هئي، ان جي نياڻيءَ جو نالو مراد هو. ”جهڙي تاجي تهڙي پيٽي. جهڙي ماءُ تهري ڌيٽي.“ ٻئي ڄٽيون جنهن سان تنهن سان روز هڪ نه ٻي ڳالهه ڪري آٽنديون رهنديون هيون. جنهنڪري سيڪو چوندو هو ته: ”جهڙي نيت تهري مراد“.
هڪ لڳا، ڪنهن فقير اهي اکر ٻڌي ورتا. هن کي خبر ڪا نه هئي ته اهي اکر هو جو ڇا چون پر هن انهن اکرن مان پنهنجي دل ۾ ائين سمجهيو ته: ”جيڪو جهڙي نيت رکندو تنهن کي تهڙي مراد حاصل ٿيندي“.
هن کي جي اهي اکر وٽيا سو ڪٿي به سئن هٽندو هو ته چوندو هو ته: ”جهڙي نيت، تهري مراد!“
ڪو چوندو هوس ته: ”فقير صاحب دعا ڪر ته به هي چوندو هو ته: جهڙي نيت، تهڙي مراد.“
انهيءَ ڪري ڪي اهو پهاڪو هئن به چوندا آهن ته: ”فقير دعا نه ڪئي. چي: جهڙي نيت، تهڙي مراد.“
هڪ لڳا انهيءَ فقير انهيءَ نيت ۽ مراد جي در تي سئن هٽي چيو ته: ”جهڙي نيت، تهڙي مراد.“
مائي نيت ۽ ان جي نياڻيءَ پانيو ته: فقير چوي ٿو ته: ”جهڙي نيت جهيڙا خور آهي تهڙي سندس نياٽي به آهي.“
هنن کي اهي لفظ ٻڌي باهه لڳي ۽ فقير سان ڏاڍو واٽ ڪيائون. فقير کي هرڪ سوڳ ڪو نه هو. ڪو گار ڏيندو هوس ته ان ڳالهه جي پچار نه ڪندو هو. سو روز وڃي هنن جي در تي اها ساڳي سئن هٽندو هو ۽ هو به روز جٽ ڪري ڪيدنديون هيس.
هڪ ڏينهن مائي نيت ڇا ڪيو جو ڪنهن ڪاچ ۾ زهر ملائي رکي ڇڏيائين ته فقير اچي ته اهو ڪاچ ڏيانس ته ڪائي مري وڃي ته هن مان ڇٽي پيئون. ڪنهن وقت مائي نيت جو مرد آيو. مائي گهر ۾ ڪا نه هئي. مرد کي بک لڳي هئي، تنهن اهو ڪاچ رکيل ڏسي ڪاڌو ته پيٽ ۾ وٽ پيس ۽ اتي ئي مري ويو.
مائي نيت پوءِ اچي ڏسي ته: مڙس مئو پيو آهي. تڏهن ڪانئس به وات مان نڪري ويو ته: ”جهڙي نيت، تهڙي مراد.“
پيٽيو:
1- جو ٻئي جي لاءِ کڏ کٽندو، سو پاڻ ان ۾ پوندو.
2- نانڪ نيڪ نيت صاف ڪر ته درگهه پوين قبول.

٧٨. جئسي ڪو تئسا ملا، ڏوم ڪو ملا نائي

اسني ڍولڪي بجائي، اسني آرسي بنائي.

بنياد:

هڪڙو ڏوم دهل ڳچيءَ ۾ پايو پئي ويو ته هڪ نائيءَ کي پريان ايندو ڏسي لڳو دهل تي دس هڻڻ. اهو دستور آهي ته لنگها جڏهن ڪنهن جي اڳيان يا ڪنهن جي در تي دهل وڄائيندا آهن ته مراد ڪري هنن کي ڪجهه مڙوئي ڏبو آهي. پر هي نائي پاڻ غريب سو ڪٿان ڏئيس. تنهن چا ڪيو جو آرسي ڪڍي ڏيکاريائينس. لنگهو آرسي وٺي وينو پنهنجو منهن ڏسڻ ۽ ڏاڙهي ناهڻ. اهو به دستور آهي ته نائيءَ کان رڳو آرسي وٺي ثورو وقت ڪم آڻبي آهي يا رڳا نهن لهرائبا آهن ته هن کي ڪجهه ڏبو آهي. پر هي بئي پاڻ ۾ وهنواري ٿيا، نڪي نائي کي ڏيڍو پيو نڪي ڏوم کي.

ڏکيا لفظ:

ڏوم يعني لنگهو يا مڱڻهار.

٧٩. جئسي ڪو تئسا ملا، سن ري راجا پيل.

بنياد:

هڪڙو ماڻهو ڪيڏانهن سفر تي ويو. وٽس لوهه تمام گهڻو پيل هو، سو پنهنجي سنگتيءَ وٽ امانت رکي ويو. ڪن ڏينهن پڄاڻا جڏهن موٽي اچي پنهنجو لوهه گهريائينس، تڏهن سنگتيءَ چيس ته: ”ادا، تنهنجو سڀ لوهه ڪئا تڪي ڪائي ويا.“

هن ڪجهو ڪين پر دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين ته: ”هن کان انهيءَ ڳالهه جو ضرور پارو جهارو وٺندس.“

هڪڙي ڏينهن، پنهنجي سنگتيءَ ۽ سندس پٽ کي پاڻ وٽ دعوت جي بهاني گهرائي، هن جو پٽ وڃهه وٺي لڪائي ڇڏيائين. سنگتيءَ پڇيس ته: ”منهنجو پٽ ڪٿي آهي؟“

تنهن تي لوهه جي مالڪ چيو ته: ”ادا، تنهنجي پٽ کي سرڻ لامارو ڏيئي کڻي ويئي.“

هن چيس ته: ”ڪڏهن سرڻ به ٻار کڻي ويئي آهي؟“

تنهن تي اڳلي چيس ته: ”ڪڏهن لوهه به ڪئا تڪي ويا آهن.“

انهيءَ تان هندي واري چيو آهي ته:

جئسي ڪو تئسا ملا، سن ري راجا پيل،
لوهي ڪو چوها کا گيا، لڙڪا ليگئي چيل.

(فئلن)

٨٠. جي نو نؤنداٽي، ڏهه حقا ته هرلا پڪا،
جي ڏهه نؤنداٽي، نو حقا ته هرلا سڪا.

بنياد:

نؤنداٽي ذات جا ماڻهو اڪثر کيتيءَ جو ڪم ڪندا آهن ۽ انهن کي تماڪ چڪڻ جي ڏاڍي وٽ آهي. سڄو ڏينهن حقو وات تي هوندو اٿن. تنهن ڪري هي پهاڪو چوڻ ۾ آيو آهي ته: نونداٽي ڪم تڏهن ڪندا جڏهن هڪڙي هڪڙي کي جدا حقو چڪڻ لاءِ ته هوندو پر هڪڙو وڌيڪ حقو به تيار ٿيو رکيو هوندو ته جيسين هڪڙو حقو سڙي ۽ ٻيو نهي تنهن وچ ۾ اهو تيار ٿيل حقو چڪين نه ته هر ڪاهڻ ڇنو.

هن پهاڪي مان ٻيو ڪو خاص مطلب ڪو نه ٿو نڪري.

٨١. ڄٽ ٻڪيو موري ڪائي، موري ٻڪ گهٽيري لائي

ڳالهه پهاڪي مان پڌري آهي.

مراد ته سڀ ڪنهن ڳالهه جو آڳو پيڇو ڳڻجي جو ائين نه ٿئي ته جنهن فائدي کي ڪڙهجي تنهن فائدي ٿيڻ بدران مرڳو گهاٽو پوي.

۸۲. جتيءَ ست پسايو، واٽئي وڏيس وٽي،
جتيءَ ليکي واٽيو منو، واٽئي ليکي جٽي،
مني سا ئي جٽي، ڙي مني سا ئي جٽي.
يا ائين بہ چون:
جتيءَ ست پسايو، واٽئي وڏيس وٽي،
جتيءَ ليکي واٽيو منو، مني سا ئي جٽي.
ڳالھ پهاڪي مان پڌري آهي.
پيٽيو:
نڳ نڳي جڳ کي، سياڻو نڳي نڳ کي.

۸۳. چت تي چوتا تہ مدعي رد.
بنياد:
هڪڙو بادشاھ ڪنهن شڪار جي پنيان پوندي پنهنجي لشڪر کان ڇڃي وڃي ڪنهن ڳهاٽي جهنگ ۾ پيو، جتي اُڃ ڏاڍو هلاڪ ڪيس. هو پوءِ هڪ جهوپڙي ويجهي ڏسي، ان ۾ گهڙي ويو. اتي هڪ فقير وينو هو، تنهن کي پاڻيءَ ڍڪ لاءِ سوال ڪيائين. فقير هن کي پاڻي پياريو ۽ پڇيائينس تہ: ”پيو بہ ڪي ڪپيئي؟“
هن چيس تہ: ”آءٌ بادشاھ آهيان، مونکي سائينءَ سيڪي ڏنو آهي. باقي اها دعا ڪرينم تہ منهنجا مدعي مات ٿين.“
فقير چيس تہ: ”هن وقت تنهنجي گهوڙي ۽ تنهنجي بت تي جيڪو مال آهي سو لڪ ٻن جو ٿيندو ۽ تون تن تنها جهنگ ۾ پيو ڦرين، جتي جيڪو دشمن نہ هجيئي سو بہ جيڪر ڌن مال جي لالچ تي ڦري دشمن ٿي بيهي پوي. اها سڌ ڪئن ٿو ڪرين تہ تنهنجا مدعي مات ٿين.“
بادشاھ پڇيس تہ: ”پوءِ نيٺ ڪا واھ آهي بہ؟“
فقير تنهن تي اها پهاڪو چيس.
مراد تہ چت تي چوتو چاڙهبو تہ من جا وڪڙ ڏکبا. پوءِ ويري بہ متر سمان پيا پانئبا. (مهراج جڳ ڪرشن)
ڏکيا لفظ:
چوتو معنيٰ لانگوٽي.

۸۴. چٽي چنيجن جي، پُرڻ تي پيئي.
بنياد:
چنيجن پرسان، پرڻ ڳوٺ آهي. ٻئي ڳوٺ موري تعلقي، ضلع نوابشاھ (موجوده دور ۾ ضلع نوشهروفيروز) ۾ آهن. هڪ لڳا چنيجن جي ڪن رهاڪن جو پُرڻ جي ڪن رهاڪن سان تڪرار ٿيو. پُرڻ وارن وير وٺڻ لاءِ ڪن ڏاڙيلن کي چيڙيو تہ: ”چنيجن ۾ فلاڻن تي وڃي پئو.“
ڏاڙيلا ڀلجي وڃي پرڻ وارن تي پيا. تنهنڪري ائين چوندا آهن.
پيٽيو:
1- اُٺو ڪاٺي ڪوئو، مار پوي ڳابي تي.
2- ڪٽيو ڪاٺي ڪتيجا، ڏڪ جهلي ڏيٽس.
3- ڪن جي آهيءَ ڪير وڃن.

۸۵. چرئي کان پڇيائون: ”ڪئن؟“ چي: ”ويران وير وڏ.“
ڳالھ پهاڪي ۾ ئي پيئي آهي.
جو ذاتي چريو هوندو سو گهٽي تربيت ڪانپوءِ بہ سڌريل نہ ڏسبو. ويتر اڳي کان وڌيڪ چريو هوندو.
جڏهن ڪو بيوقوفيءَ جو ڪم يا موڙڪانيءَ جي ڳالھ ڪندو آهي، تڏهن ائين چوندا آهن.

ڏکيا لفظ:
ويران وير وڃ معنىٰ ڏينهان ڏينهن واڌو.

٨٦. چريا ڏئي چار، وچان ونجي هڪڙي.

بنياد:
واچان نالي هڪ چري زال تي گذري آهي. هوءَ ٻاڙي پيئندي هئي، پرڻ ۾ ۽ چيٽا ٻڌندي هئي نوڙيءَ سان. هڪڙي ڏينهن چيٽن جي ڏِڳ کي نوڙي ويڙهي ونئي چڪ ڏنائين تہ چيٽا سڀ نوڙيءَ مان نڪري ويا. ٻہ چار ڀيرا ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيائين پر چيٽا نہ ٻڌي سگهي. تڏهن ڪڪ تي چيٽن کي چيائين تہ: ”ٻجهو تہ ٻجهو، نہ تہ مور نہ ٻجهو.“
انهيءَ ڪري مٿيون پهاڪو، اکري معنىٰ موجب، هن طرح ٻہ چوندا آهن:
”چريا ڏيئي چار واچان ونجي هڪڙي،
سڻ واچان جا پار، جا نوڙي ڪٽي هلي چيٽن کي،
چي: ٻجهو تہ ٻجهو نہ تہ مور نہ ٻجهو.“
مطلب هي آهي تہ چار چريا ايتري چريائي جيڪر ڪين ڪن، جيتري جيڪر هڪڙي واچان ڪري. يعني واچان چئن چرين جي مَٿُ آهي.
هي پهاڪو بيعقلن سان لڳائبو آهي.

٨٧. چري ٻاڻ ٽياس، مٿيون ڏيندي لوڪ کي.

بنياد:
هن پهاڪي جو بنياد ليلا چنيسر جي قصي تي ٻڌل آهي.
ليلا ڏاڍي سياڻي هئي. شاهہ عبداللطيف پنهنجي رسالي ۾ ليلا جي واتان چوائي ٿو تہ:
”ڏاهي هيس ڏيهہ ۾ سرتين منجهہ سڄاڻ“
پر ليلا جو عقل ڪٿو جو ڪؤنروءَ ڪان هار ورتائين، جنهن ڪري چنيسر کيس ڌاڳ ڏيئي ڇڏيو.
جڏهن ڪنهن ڪان اوچتو ڪا اهڙي خطا ٿيندي آهي جا جيڪر هو هونءَ ڪين ڪري، تڏهن پڇتائيندي ائين چوندو آهي.

٨٨. چمڙن جي گهر ويا مهمان، چي: اسين پيا لٽڪون، اوهين ٻہ لٽڪو.

اصل هندي: چمگدرون کي گهر مهمان آئي، هم ڀي لٽڪين، تم ڀي لٽڪو.
بنياد:
هڪ لڳا، گهٽي برسات پوڻ سبب، ڪي پکي اڏامي ڪنهن سجيءَ جاءِ ۾ ويا. اتي ڏسن تہ سجي جاءِ چمڙن سان ڀري پيئي آهي. تڏهن منجهانئن هڪ، ڪنهن چمڙي کي چيو تہ: ”ادا، اسان کي مينهن ۽ سيءَ سٽي ڇڏيو آهي. ٻاڻ وٽ ٿوري وقت لاءِ اسان کي اجهو ڏيو.“
چمڙي وراڻي ڏنيس تہ: ”اسان وٽ اوهان وانگر آکيرا نهيل ڪونهن. جئن اسين پٽين ۽ ڇتين تي لٽڪون پيا، تيئن اوهين ٻہ بلاشڪ اسان وانگر اچي لٽڪو.“
مراد تہ ٻچڙو ماٺهو چڱي واٽ ڪڏهن ڪين ڏسيندو.

٨٩. چنڊ کي ڏهي، پوءِ سجي پاڳ.

بنياد:
گهٽا ماڻهو چنڊ جي ڏينهن، جڏهن چنڊ ڏسن تڏهين پڳ مان ڏهي چني چنڊ ڏي اڇلائين. جو سمجهندا آهن تہ: ”ائين ڪرڻ ڪري سڄو مهينو سک جو لنگهندو ۽ پاڳ ورندو.“
پر اها ڏهي ڏبي آهي چنڊ جي ڏينهن. پهرين يا ٻي تاريخ تي ويئي، پوءِ جي ڏهيءَ بدران سڄي پڳ ڪٽي ڏجي تہ ان

جو ثواب نہ ملي.
پهاڪي جي مراد آهي تہ جو ڪم جنهن وقت ٺيٺو هجي سو تنهن وقت ڪجي.
ڏکيا لفظ:
ڏهي يعني تند يا ڌاڳو.

٩٠. چورن مٿان مور پيا، اڌ ورهائي ڪٽي ويا.

اصل هندي: چور کي گهر مور.
بنياد:
اهو اصل هندي پهاڪو آهي. ٻنهي جو بنياد ساڳيو آهي. (روچيرام گجو مل)
ڪن چورن، ڪنهن هنڌ چوريءَ جو مال ويني پاڻ ۾ ورهايو. هو پنهنجي ڪم ۾ مشغول هئا تہ هڪڙو مور جهٽ هڻي، هڪ موتين جو هار ڪٽي وين ۽ هڪڙو هڪڙو موتي ڪري ڳيهي ڇڏيائين. تنهن تان اهو پهاڪو چوڻ ۾ آيو آهي.
اهو ڪتب تڏهين آڻبو آهي، جڏهن ڪنهنکي ڪنهن اڻ سهائيندي رستي ڪجهہ مالي ملندي آهي ۽ ڪو ٻيو اها سموري يا ان جو حصو ٺڳائي يا ڪسي ويندو اٿس.

٩١. چوڪرن کان شيطان بہ پناهہ گهري آهي.

بنياد:
هڪ ڏينهن شيطان باندر جي روپ ۾ اچي ڪن چوڪرن جي پاريءَ وٽان لنگهيو. چوڪرن کي باندر راند تي آيو. سو ڪنهن منهن کان تہ ڪو پير کان تہ ڪو پڇ کان پيو جهليس. باندر ڪجهہ ڪڇيو ڪين. تڏهن هڪ چوڪر ڪاني ڪٽي شيطان کي ٽنبي. ان تان شيطان دانهون ڪندو ڀڳو. (فيثلن)
پيٽيو:
چوڪر چٽي ذات، پڙن پڙن ڪن پڳت ۾.

٩٢. خبر پوندي تيسين، جڏهن هتوراڙيون ڏيسين.

بنياد:
هڪڙي مائيءَ جو پٽ هو ڪاڻو، جو ڪتي نہ ٿي اگهاٽو. نيٺ ماٽس هڪڙي هنڌ اگهہ وڌس. پر اڳلن کي سڌ ڪا نہ ڏنائين تہ ڇوڪري کي اک ۾ حساب آهي. جڏهن وهانءَ جا سانباها ٿيا ۽ ڪنواريتي گهران موڙا آيا تڏهن گهوٽ ماءُ جهمريون پائي چوڻ لڳي تہ: ”آءٌ واڏايون واريان منهنجو ڪاڻو اگهاٽو.“
هيءَ ڳالهہ ٻڌي ڪنواريتي پهر مان هڪڙو ماٺهو ڊوڙيو، تنهن وڃي ڪنوار-ماءُ کي ٻڌايو تہ: ”گهوٽ ڪاڻو آهي.“
ڪنوار ماءُ چيس تہ: ”خبر پوندي تيسين، جڏهن چوري هتوراڙيون ڏيسين.“
ڪي وري چون تہ چيائين تہ: ”پاڻيهي خبر پوندي، جڏهن چوري هتوراڙيون هڻندي.“
ڪيئن بہ هجي پر پهاڪو مٿين طرح چوڻ ۾ ايندو آهي. هن معني سان تہ: ”خبر تڏهن پوندي جڏهن وڌڻ ڪري نظر گهٽبي ۽ اولاد اڳيان هتوراڙيون ڏبيون.“ يعني اولاد جي محتاجي ڪبي.
ڏکيا لفظ:
اگهہ وڌس معنيٰ مڱايس.

٩٣. حق بہ رکي، ناحق بہ رکي.

بنياد:
هڪڙي ڪنير ڪنهن سنگتيءَ سان زماني سازيءَ جي ڳالهہ ڪندي چيو تہ: ”ڪريئي تا ڏريئي نا ڪريئي تا نا ڏريئي.“ يعني ڪو ابتو ڪم ڪجي تہ ڊڄجي پر جي ڪجي ئي نہ تہ پوءِ ڊڄجي چو؟

سندس سنگتيءَ چيس تہ: ”ڪريئي تا ڏريئي نا ڪريئي تا پي ڏريئي.“ يعني ڪجي تہ ٻہ ڀڄجي ۽ جي نہ ڪجي تہ ٻہ ڀڄجي.
ڪنير اها ڳالھ مڃي ئي نہ.
هڪڙي ڏينهن سندس سنگتيءَ پڇيس تہ: ”جيئن ٻيا ٽانءَ ٽپا ٿو ناهين، تيئن جيڪر نڪر جا رپيا ناهي سگھين؟“
ڪنير چيو تہ: ”هائو. توکي ڪپن ڇا؟“
چي: ”هڪڙا سؤ روپيا جوڙي ڏينم.“
ڪنير چيس تہ: ”چڱو، ٽن چئن ڏينهن ڪانپوءِ اچج تہ ڏيندو سانءِ.“
ڪنير جو سنگتي ٻئي ڏينهن ٻہ ماڻهو پاڻ سان وٺي ڪنير جي در تي ويو ۽ ٻاهران هڪل ڪري پڇيائينس تہ: ”سؤ روپيا اڄ ڏيندين؟“
ڪنير اندران جواب ڏنو تہ: ”مون ٽن چئن ڏينهن جو مدو وڌو هو، تون اڄ ڪيئن ٿو گھرين. سڀاڻي اچي پنهنجا سؤ رپيا وٺج.“
هن ماڻهوءَ پنهنجن سنگتين کي چيو تہ: ”توهين هن ڳالھ جا شاهد رهجو.“
ٻن ڏينهن کان پوءِ هو ماڻهو، اهي ساڳيا شاهد وٺي، ڪنير جي گھر ويو ۽ رپيا گھريائينس. ڪنير نڪر جا سؤ رپيا آڻي اڳيان ڍيري ڪيس. سنگتيءَ چيس تہ: ”هي ڏين ڇا ٿو؟“
چي: ”تنهنجا رپيا.“
شاهدن چيو تہ: ”هن ڪان سؤ روپين اُڌارا وٺي ان جي بدران نڪر جا رپيا ٿو موٽائين. توکي سرڪار جو ٻہ ڀپ نہ ٿو ٿئي.“
ڪنير ويچارو وائڙو ٿي ويو. شاهدن کي چيائين تہ: ”منهنجو انجام نڪر جي رپين جو هو ۽ نہ چانديءَ جي رپين جو.“
جڏهن دڙڪو ڏنائونس تہ: ”سؤ رپيا ڪلدار، جي نہ ڏيندين تہ تو تي مقدمو ٿيندو.“
تڏهن ڪنير جي واتان نڪتو تہ: ”حق ٻہ رکي ناحق ٻہ رکي.“
سندس سنگتيءَ اهي لفظ ٻڌي پڇيس تہ: ”هاڻ ڪيئن ٿو پائنين؟ مون سچ ٿي چيو نہ تہ: ڪريئي تا پي ڏريئي نا ڪريئي تا پي ڏريئي.“
ڪنير چيو تہ: ”ادا، بيشڪ! سچو آهين.“
مراد تہ سرڪار جو توڙي ڏٽيءَ جو، ڀپ ڪرڻ چڱو آهي.
پيٽيو:
جيترو پوءِ، تيترو ڊؤُ.

٩۴. ڏرت پڙيئي، ڌرم نہ ڇوڙيئي.

هيءَ تڪ، گرنٿ صاحب مان آهي ۽ گورو تيغ بهادر جن جي چيل آهي:

چت چرن ڪنول ڪا آسرا چت ورن، ڪنول سنگ جوڙيئي،
من لوچي برائيان گر شبدي اھ من موڙيئي،
بانهن جنادي پڪڙيئي سر ديجي بانهن نہ ڇوڙيئي،
گور تيغ بهادر بوليا: ڌرت پڙيئي ڌرم نہ ڇوڙيئي.

مراد تہ پنهنجي ڌرم ڪرم تي قابو رهڻ گھرجي.

٩۵. ڏٽي ڏيڻ تي اچي تہ ڇپر ڇيڙي ٻہ ڏئي.

بنياد:
هڪڙو ماڻهو جهنگ مان پئي ويو. واٽ تي حاجت ضروري جي خيال ٿيڻ سببان، ڪنهن گوشائتي هنڌ وڃي وينو. هن کي آبدست لاءِ پاڻي نہ هو. تنهنڪري پٽ تي گيسي گھي، ٻت صفا ٿي ڪيائين تہ ٽڙن وٽ، نڪري لڱيس جا

زمين ۾ گتي پيئي هئي. هن زور ڏيئي اها نڪري زمين مان ٿي ڪڍي ته ناٽي جي دڪي نڪري آئي. تنهن تي ائين چيائين.
پيٽيو:
1- الله ٿئي راضي ته ڏوڙ مان به ڏن.
2- الله ٿئي راضي ته واريءَ مان به ڏن.

٩٦. ڏسجي ته اُٺ ڪهڙي ڪڙيءَ ٿو وهي.

اصل هندي: ديکئي اونٽ کس کل بئنتا هي.
بنياد:
هڪڙي ڪنير ۽ هڪڙي باغائيءَ، گڏجي هڪڙو اُٺ ڀاڙي ڪيو. ڪنير اُٺ جي هڪ پاسي پنهنجا ٿانءَ ٽپا رکيا ۽ باغائيءَ ٻئي پاسي ڀاڄي ۽ ميوو رکيو. واٽ تي اُٺ ڪنڌ ورائي باغائيءَ جي مال ۾ چڪ هڻڻ لڳو سو ڏسي ڪنير کليو. تڏهن باغائيءَ چيس ته: ”ڏسجي ته اُٺ ڪهڙيءَ ڪڙيءَ ٿو وهي.“ يعني ته کل نه، جو خبر نه آهي ته اٺ هشڻ مهل ڪهڙي پاسي ليٽ ڪري.
جڏهن منزل تي پهتا، تڏهن اُٺ هشڻ مهل ٿانون جي پاسي ليٽ ڪئي. جنهن ڪري ڪنير جا سڀ ٿانءَ ڀڃي ٽڪر ٽڪر ٿي پيا ۽ کل وسري ويس. (فئلن)
هي پهاڪو هن معني سان ڪم آڻبو آهي ته: ڏسجي ته آخر ڇا ٿو ٿئي.

٩٧. رن چشڪي هري، رکي آرتوار.

بنياد:
هڪڙي شخص جي جوءِ، وات جي چٽي هئي. هڪڙي ڏهاڙي مڙس کي ڪاچ ڪارائي پاڻ لنگهڻ ويهي رهي. مڙس کي چيائين: ”آرتوار جو ورت اٿم.“
تنهن ويچاري کهل ڪري بازار مان کير پيڙا آڻي کارايس. ورندي ڏهاڙي پڻ رن اُن مهل آرتوار جو منهن ڪري لنگهڻ ويهي رهي. تڏهن مڙس کلي هي پهاڪو چيو.
مطلب هي آهي جو لچ ماڻهوءَ تي هڪڙي ڀيري مهرباني ڪبي ته وري وري هري گستاخ ٿيندو. (گلشڪر)

٩٨. ست ڪوئا کائي ٻلي، حج تي چڙهي.

بنياد:
ڪنهن گهر ۾ هڪڙيءَ ٻليءَ ڪوئن مان ڏاڍا وارا ڪيا هئا. تنهنڪري ڪئا سندس ڊپ سببئون ٻر کان ٻاهر ئي ڪين نڪرندا هئا. ٻه ٽي ڏينهن جڏهن ٻليءَ جي ائين سُڪ ٿي وهاٽي، تڏهن چيائين: ”هاڻ ضرور ڪا حڪمت ڪجي نه ته آئينده بک ۾ پاهه ٿبو.“
هن پوءِ منهن کي ڪٽي ڀيوت لاٽي ۽ تسبيح هٿ ۾ ڪٽي ڪئن جي ٻر اڳيان ٻيهي، الله الله ڪرڻ لڳي. ٻليءَ جي آواز تي ڪئن ٻر مان نهار ڪئي ته ٻليءَ چين: ”ٻچا توهين ڊڄو نه. آءٌ هينئر حج ڪري آئي آهيان ۽ ڏٽي جل شانهٗ شل منهنجا اڳيان گناهه مرهيندو. باقي آئينده مون ڪنهن کي به ڏکوئڻ کان توبه ڪئي آهي.“
ائين چئي ٻلي استغفار پڙهڻ لڳي.
ڪئن ڏٺو ته هيءَ ته سچي پچي حاجياڻي آهي. ٻي ڊپا ٽي نڪتا ٻاهر. پر ٻلي اهڙو ڪيچي، جهڙي پت. جڏهن سيئي ڪوئا، مال زيان ڪري ٻر ڏي ٽي موٽيا، تڏهن ٻلي سندن ٻر کي پٺ ڏيئي ويهي رهي ۽ جيڪو ڪوئو ٻر ۾ گهڙڻ لاءِ ٽي آيو تنهن کي ويئي نڙيءَ هينان لنگهائيندي، تان جو سيئي ڪوئا کائي کپائي ڇڏيائين.
هيءُ پهاڪو تڏهن ڪم آڻبو آهي، جڏهن ڪو ماڻهو ڪنن ڪمن ڪندي يا اڏنگي هلت هلندي به چوي ته: ”اسين انهن ڳالهين کان مٿي آهيون ۽ ائين ڪرڻ اسان جي ڪٽي جو به وڙ نه آهي.“

٩٩. ستن ڪونهان جاڳندن وچون. ياءِ ستن جون پاڏا ڇڏين.

ڏسو: جاڳندن جون وچون، ستلن جا ڪونهان.

١٠٠. شوروو حلال، بوٽيون مردار

بنياد:

هڪڙو ملو ڪنهن ماڻهوءَ جي گهر اوڇتو ويو. هن ملي کي مانيءَ جي صلاح ڪئي. پر چيائينس تہ: ”تيوڻ گهر ۾ رڪيل ڪونهي، ماني ڇا سان کائيندين؟“

ملي چيو تہ: ”جيڪا جائي جواري هوندي، سا کائيبي.“

ڪجهہ وقت کانپوءِ ماني ۽ بوڙ ملي وٽ ڪٽي آيا. ملي پڇو تہ: ”بوڙ ڪٿان آيو؟“

گهر جي مالڪ چيو تہ: ”اڳهٽو هڪ مرغي پاڻ کان پاٽيهي گهر ۾ پيهي آئي، سا ڪٽي پاتي سون.“

ملي چيو تہ: ”چوريءَ جو مال آءٌ نہ کائيندس.“

مالڪ چيس تہ: ”کائين تہ چٽين.“

ملي ڏنو تہ هاٽي رکي ماني کائٽي تي پوي، سو هن کان پڇيائين تہ: ”بوڙ ۾ گيهہ ۽ مصالحا ڪنهن جا آهن؟“

هن چيو تہ: ”اهي اسان جا آهن.“

وري پڇيائين تہ: ”پاٽي ڪنهن جو آهي؟“

هن چيس تہ: ”اهو اسان جو آهي.“

تنهن تي ملي چيو تہ: ”تڏهن شوروو حلال آهي پر بوٽيون (سڌيون) نہ.“

هن ڪيويءَ سان سڌيون پاسيريون ڪري، هن کي شوروو ليٽائي تي ڏنو تہ شوروي سان بوٽيون يا سڌيون ملي کي اچي ويئون. هن اهي سڌيون موٽائي تي ڪڍيون تہ ملي چيس: ”ڪڍ نہ! جو آپ سي آتا هي، آني دو.“

پيٽيو: ڪوڏي حرام، بغچو حلال.

١٠١. شيطان واري ڳڙ جي آڱر.

بنياد:

ڪنهن ماڻهوءَ شيطان کي چيو تہ: ”تون ماڻهن کان بڇڙا ڪم ڇو ٿو ڪرائين؟ جو ويچارن کي خدا وٽ سزا سهڻي تي پوي.“

شيطان چيس تہ: ”انهيءَ ۾ منهنجو ڪو ڏوهہ ڪونهي ۽ جي چوين تہ هنيئر جو هينئر تو کي اها ڳالهہ ثابت ڪري ڏيکاريان؟“

شيطان پوءِ هڪ پساريءَ جي هٽ تي چڙهي دڪان جي ٿنڀي تي ڳڙ جي آڱر پري هنئي ۽ هن ماڻهوءَ کي چيائين تہ: ”هاڻ پريان بيهي رنگ ڏس.“

ڳڙ تي ڪيتريون مکيون اچي مڙيون. هڪ چڇيءَ مکين کي ڏسي دل ۾ چيو تہ: ”پلي تہ گهٽيون مکيون گڏ ٿين. پوءِ منجهائن وارو ڪريان.“

انهيءَ دوڪان ۾ هڪ پلي هئي، تنهن وري ڪرڙيءَ ۾ اک رکي.

ايتري ۾ دڪان تي هڪ بروچ سؤدي لاءِ آيو، تنهن سان هڪ ڪتو هو. ڪتي جون اکيون جهٽ پليءَ ۾ پيئون.

ڪنهن وقت ٿنڀي تي، تمام گهٽيون مکيون ڏسي ڪرڙيءَ متن ٽپ ڏنو. پليءَ ڏنو ڪرڙيءَ تي. ڪتو وري ڪاهي پيو پليءَ پنيان.

ڪتي ۽ پليءَ جي وڙهڻ ڪري، دڪاندار جا ڪنا ۽ پارا ڪِري ڀڃي پيا. دڪاندار کي جا لڳي چڙ، تنهن ڪٽندي سير جو تورو، نڪاءُ ڪرايو ڪتي کي تہ ڪتي جو مغز ڏري پيو.

بروچ جو پيارو ڪتو مري ويو تنهن تان هن کي اهڙو جوش آيو جو ڪيندي ترار پساريءَ جي سسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيائين.

تڏهن شيطان هن ماڻهوءَ کي چيو تہ: ”ڏٺئہ تہ ڪيترا گناهہ پاڻ کان پاٽيهي ٿيا. مون تہ رڳو ڳڙ جي آڱر ٿنڀي تي

هنئي.“
هن شخص چيس تہ: ”سِنا سِٽي تو! جي ڳِڙ جي آگر تنيي تي نہ هٽي ها تہ هيترا ڪم تين ئي ڪين ها.“ (دل بهار ڪتاب مان)
جملي ۾ هن طرح ڪم آٽبو آهي. ”شيطان واري ڳِڙ جي آگر هٽي پاڻ ڪدائي ويو.“ يعني لوُتي لائي، ڪرهن مچائي نرليپ تي وينو.
هي پهاڪو معاملن مچائيندڙ ماڻهن سان لڳائبو آهي، جن لاءِ اصطلاحًا سنڌيءَ ۾ هيءُ لقب آهن.
1. چيٽاپور.
2. ٻہ گهر پارو.
3. لُوئا لائوُ يا لوتيون لائيندڙ.
4. ڪڏهرو يا ڪڏن-ڪوٽ.
اهڙن ماڻهن سان هينيان پهاڪا ۽ اصطلاح، جملن ۾ لڳائي ڏيکاريو.
1. ڪير ۾ موري وجهڻ.
2. ڪکر ۾ ڪلو يا ڪڙو هڻڻ.
3. ستيون مکيون جاڳائڻ.
4. آءُ تہ پيٽ ڪرهن ڪريون.
5. گوڏي تائين ڪٽي بيهڻ.
6. لنگهي لاتي لوئي تہ ڪيا ڪرينگا ڪوئي.
7. نانگو ننگان نکتو، نانگي کهڙو ننگ.
8. پٽ ۾ ڪبر وجهڻ.
9. ڪوهہ ۾ ڪودو وجهڻ.
10. مهيءَ لڙ ڪرڻ.
11. چانديا مکسي.
12. ناروي سياءُ.
ڏکيا لفظ:
چچيءَ معنيٰ ڪرڙيءَ.
لُوتي لائڻ معنيٰ
نرليپ تي ويهڻ معنيٰ

١٠٢. عشق نہ ڏسي ذات، نہ ڏسي ڪذات.

بنياد:
هڪڙو بادشاهہ هر روز پنهنجي وزير کان پڇندو هو تہ: ”کهڙي خبر چار؟“
وزير هميشہ اهو ئي جواب ڏيندو هو تہ: ”جيئندا قبلا مڙيوئي خير آهي.“
هڪ لڳا وزير اها ڳالهہ راڻيءَ سان ڪئي. تنهن چيس تہ: ”مون کان خبر چار پڇندو وچ تہ آءٌ تو کي ٻڌايان.“
وزير چيس تہ: ”پلا اڄ ڪا خبر چار ٻڌاءِ.“
راڻيءَ چيس تہ: ”پهريائين تون مونکي ٻڌاءِ تہ بادشاهہ شڪار تي ويٺو آهي؟“
وزير چيو تہ: ”هائو! ڇهين ٻجي شام جو ويندو.“
راڻيءَ چيس تہ: ”تون ستين ٻجي مون وٽ اچج تہ آءٌ تو کي خبر چار ٻڌائيندس.“
وزير انهيءَ وقت تي راڻي وٽ ويو. راڻيءَ هن کي پاڻ سان وني شهر جي ڌوٻي گهاٽ ڏي ويئي ۽ اتي وزير کي چيائين تہ: ”فلاڻي پونگيءَ ڏي چتائي پيو نهارج.“
وزير ائين ڪيو. ڪنهن وقت وزير ڏٺو تہ بادشاهہ سلامت انهيءَ پونگي ۾ پيو وڃي. وزير راڻيءَ وٽان اشاري ملڻ تي وڏي اڳيرو ٿيو ۽ پونگيءَ وٽ بيهي ڪن ڏيئي ٻڌڻ لڳو. انهيءَ پونگيءَ ۾ هڪ ڪتياڻي رهندي هئي، تنهن کي

بادشاھ چيو تہ: ”آءٌ شڪار تان ٿڪجي آيو آھيان. مونکي اُڃ ڏاڍي لڳي آھي. پر پھريائين ڪجھ ڏينم تہ ڪائي پوءِ پاٽي پيئان.“
ڪنياٽيءَ چيو تہ: ”ماني مون وٽ ڪانھي. باقي پاروتا چانور رکيا آھن، سي چئو تہ ڏيانوَ.“
بادشاھ چيو تہ: ”اھي ئي ڪار.“
بادشاھ اھي چانور وٺي ڪاڌا ۽ پوءِ پاٽي گھريائين. ڪنياٽيءَ وٽ پاٽي رکيل بہ ڪو نہ ھو. سا ڏوبي گھاٽ تان وٺو پاٽيءَ جو پري آئي. بادشاھ اھو پاٽي پي چيس تہ: ”ھاٽي ڪا ڪٽ ڏينم، جنھن تي بہ گھڙيون ليٽان.“
ڪنياٽيءَ چيس تہ: ”اھا پڳل ڪٽ، جنھن تي وينو آھين، تنھن ڌاران ٻي ڪا ڪٽ مون وٽ ڪانھي.“
بادشاھ پوءِ انھيءَ ئي ڪٽ تي ليٽي پيو.
وزير ۽ راڻي، پوءِ سٽ ڪٽي پنھنجي جاءِ ڏي ويا. صبوح ٿيو تہ ڪچھري مڙي. بادشاھ وزير کان دستور موجب پڇيو تہ: ”وزير، ڪھڙي خبر چار؟“
وزير چيو تہ:

”عشق نہ جاني ذات ڪذات، ڀوک نہ جاني باسي يات،
پياس نہ جاني ڌوبي گھاٽ، نيند نہ جاني ٽوٽي ڪاٽ.“

بادشاھ کي سيئي ڳالھيون دل سان لڳي آيون. تنھن شرم وچان ڪنڌ ڪٽي ھيٺ ڪيو.
پيٽيو:
1- عشق انڌو آھي.
2- عاشق انڌا ھوتا ھي.
ڏکيا لفظ:
باسي يات معنيٰ پاروتا چانور.
ٽوٽي ڪاٽ معنيٰ پڳل ڪٽ.

١٠٣. فقير دعا نہ ڪئي، چي: ”جھڙي نيت تھري مراد.“

ڏسو: جھڙي نيت تھڙي مراد.

١٠٤. ڪتا تو نہ منھن، تنھنجي ڏٽيءَ منھن.

ڏسو: ٻچڙو ڪتو، ڏٽي پٽائي.

١٠٥. ڪتو ڪڙم جو ويري.

ڪتي جي عادت آھي تہ ٻيو ڪو ڪتو ڏسي تہ ڀؤنڪيس يا ڏاڙھيس يا تہ پنيان ڪاھي پويس. مطلب تہ پنھنجي ڪڙم وارن يا ذات ڀاين کي ڪين سھي تنھنڪري ائين چيو اٿن.
جو ماڻھو پنھنجي ڀائرن يا نيات وارن جو بد-خواھ ھوندو آھي، تنھن جي نالي ائين چوندا آھن.
ڏکيا لفظ:
ڪڙم معنيٰ ڪٽنب.

١٠٦. ڪتي جو ڪارو منھن، رٻ اوتري جي اوتري

بنياد:
ھڪڙي غريب رٻ جو ڪنو رنڌي رکيو، تنھن ۾ ڪتي اچي ٻوت وڌو. پر رٻ ڪائڻ کان اڳي، مالڪ ھڪلي ڇڏيو. ڏڻائين جو ڪتي رٻ ڪا نہ ڪاڌي، رڳو ڪنو نوسيائين ۽ ڪني جي ڪارنھن، منھن کي لڳيس. تڏھن ڪني جي ڏٽيءَ ڪلي ھي ڀھاڪو چيو.
مطلب ڀھاڪي جو ھيءُ آھي جو ٻن ڀارن جي وچ ۾ ھڪڙو چيٽا-ٻور پئجي ھڪڙي جي ٻئي وٽ ڳلا ڪري ڏقيڙ

وجهي، پر جڏهن هو ٻئي ڄڻا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري ٻڌي لائيءَ چائيءَ واري جي ڳالهه ڪي ڳڌهه جي هينگ جهڙو ڄاڻي پاڻ ۾ کير کنڊ ٿين، تڏهن ان ٻچاپڙي جي واسطي هي پهاڪو چوڻ ۾ اچي. (گلشڪر)

١٠٧. ڪِي ڪڪڙ دائري مان.

بنياد:

ڪنهن دائري ۾ گلن جون چڪيون ۽ وڻ گهڻا هئا. هڪڙي ڏينهن هڪ ڪڪڙ هڪڙي چڪيءَ تان ٻيءَ تي ۽ ٻيءَ تان ٽيئن تي ٽپ ڏيئي پئي چڙهي ۽ وڻ پئي خراب ڪيائين. تنهن تي دائري جي هڪ فقير چيو ته: ”ڪِي ڪڪڙ دائري مان وڻ ٿي وڃائي.“

مراد ته جنهن جي سنگ مان ڇيهو رسي تنهن سان سنگ ٽوڙي ڇڏجي ۽ جنهن ڪم مان خراب نتيجو نڪري انهيءَ ڪم جي پچر ئي ڪٽي ڦٽي ڪجي.

١٠٨. ڪري سو پائي، فقير کير کنڊ ڪائي.

اصل هندي: ڪريگا سو پائيگا، فقير گيهه ملندا ڪائيگا.

بنياد:

هڪڙي فقير ڪنهن بادشاهه وٽ وڃي سئن هنئين. بادشاهه هن کي موديءَ کان پنج روپيا ڏياريا.

ٻئي ڀيري فقير سئن هنئي ته ڏهين روپين جي مودي ڏي چٺي مليس.

انهن ٻنهي دفعن تي بادشاهه سيرپ ويني لهرائي.

ڪنهن وقت نائيءَ انهيءَ فقير کي چيو ته: ”مون بادشاهه وٽ تنهنجي ساراهه ڪئي هئي، تنهن ڪري بادشاهه توکي گهڻا پيس ڏنا آهن. اڳتي جي انعام جو اڌ مون کي ٻاسين ته آءٌ تنهنجي لاءِ وڌيڪ سفارش ڪريان.“

فقير چيس ته : ”ڀاڳ مان اڌ، نه ڪنهن ڏنو آهي نه مان ئي ڏيندس.“

ٻئي دفعي بادشاهه وٽ نائي وينو هو ۽ فقير وري اچي سئن هنئين. بادشاهه فقير کي پنجاهه رپيا ڏياريا. نائيءَ پوءِ ٻه فقير کي اڌ لاءِ ستايو. چي: ”منهنجي سفارش تي، توکي پنجن مان پنجاهه مليو آهي. مون کي ڪجهه مڙيوئي ڏي.“

فقير صفا جواب ڏنس.

وري ٻئي دفعي فقير، بادشاهه وٽ ٿي آيو ته نائيءَ بادشاهه جا ڪن پرڻ شروع ڪيا. فقير سئن هنئي ته بادشاهه دستور موجب موديءَ ڏي چٺي ڏنس. پر ان ۾ لکيائينس ته: ”هن پرزي آڻيندڙ کي قتل ڪرائي ڇڏجو.“

فقير چٺي وٺي نڪتو ته نائي پنيان ويس ۽ چيائينس ته: ”ڀلا اجوڪي چٺي ڏينم.“

فقير ٻه اها چٺي ڪٽي ڏنس. نائي موديءَ وٽ ويو ته موديءَ ڪهائي ڦٽو ڪيس. ٻئي ڏينهن فقير جيئرو جاڳندو بادشاهه وٽ ويو ته بادشاهه ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ پڇيائينس ته: ”ڪالهوڪي چٺي تو موديءَ کي ڪانه ڏني ڇا؟“

فقير پوءِ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس.

بادشاهه پوءِ موديءَ کي گهرائي سموري حقيقت پڇي. موديءَ چيو ته: ”ڪالهه چٺي نائي ڪٽي آيو هو. تنهن کي حضور جن جي حڪم موجب پورو ڪرائي ڇڏيم.“

فقير هيءَ ڳالهه ٻڌي چيو ته: ”ڪريگا سو پائيگا، فقير گيهه مليدا ڪائيگا.“

مراد ته جيڪو ٻڇڙائي ڪندو، سو ٻڇڙو نتيجو ڏسندو.

ڀيٽيو:

1- ڪوري ڪڌ ڪٽي، ان ۾ پاڻ پوي.

2- فريدا جو تيڏي ڪڌ ڪٽي، تون اسدي راه سنوار،

او آپي پئسي ڪڌ وچ، تون لنگهي پئسين پار.

3- ڪلجڳ نهين ڪرجڳ هي، دن ڪو دي رات ڪو لي،

ڪيا خوب سودا نقد ڪا هي، اس هاٿ دي اس هاٿ لي.

4- اتيئي ڪر، اتيئي لوڙ.

۱۰۹. ڪريئي تا پي ڏريئي، نا ڪريئي تا پي ڏريئي.
بنياد لاءِ ڏسو: حق بہ رکي، ناحق بہ رکي.

۱۱۰. ڪن جي ڳالهين، مير بجر ماريو.
بنياد:
هي تواريخي قصو آهي.
مير بجر، سنڌ جو حاڪم هو. ڪي صوبا جوڌپور ڪان آيا هئا، تن ڪي مير بجر جي عزيزن ميچ ڏني تہ: ”مير بجر ڪي ماري پورو ڪريو.“
هنن پوءِ مير بجر کي ڳلتو ڏنو تہ: ”اسان تنهنجي لاءِ خوشخبري آندي آهي، پر ڪتي پاسيرو ٿيءُ تہ تو کي ٻڌايون.“
مير بجر کي ڪڙڪ بہ ملي هئي تہ: ”پاڻ سنيالج.“ پر هن اهو چتاءُ، ڪن پنيان ڪري، هنن سان گوشي ۾، ڪن ۾ سرپر ڪرڻ لڳو. پوءِ هنن وجهہ وٺي ماري پورو ڪيس.
مراد تہ ڪن جي ڳالهين مان حرڪت جاڳندي آهي.

۱۱۱. ڪندو لڳس پير ۾، ڪوٽي تو مونو،
”چا تو ڪرين؟“ چي: ”اڳ تو وناس!“
بنياد:
وتايو فقير اڳ ونڻ لاءِ هاڪارو هو. اچ بہ چوٽي آهي تہ: ”وتائي فقير وارا تو اڳ ونين.“
هن فقير کي هڪ لڳا، پير ۾ ڪندو لڳو. هيءُ امالڪ پيو، جو هڪ ڪندو ڪٽي، لڳو مونو ڪوٽڻ. ڪنهن واٽهڙوءَ پڇيس تہ: ”فقير صاحب! چا تا ڪريو؟“
چي: ”پير ۾ ڪندو گهڙي ويو آهي. سو پانيان تو تہ متي چڙهڻ ڪان نہ رهندو. آءٌ انهيءَ ڪري گوڏو وينو ڪوٽيان تہ جنهن وقت ڪندو گوڏي وٽان لنگهندو، تنهن وقت جهلي ٻاهر ڪيندوسانس!“
اتي بہ پئي اڳ ورتائينس!!
”ڪندو لڳو گوڏي ۾، نڙ-گهٽ ڪيو نڪاءُ“ اهو پهاڪو بہ وتائي فقير جي ڪنهن ڳالهہ تان آهي. وتائي فقير جي وڌيڪ احوال لاءِ ڏسو مصنف جو ناهيل ڪتاب: ”سنڌ جون سوڪڙيون.“
ڏکيا لفظ:
مونو معنيٰ گوڏو.

۱۱۲. ڪنيءَ رن جا ٻار، جيئن تورا تيئن چڱا.
بنياد:
هڪڙي پوڙهيءَ، سجيءَ ۽ بيمار عورت کي ٻار گهڻا هئا. تن مان هڪڙو مري پيو تہ پٽڻ لڳي.
اهو حال ڏسي پاڙوسي هڪڙو کلڻ لڳو.
هڪڙي فقير، اُن پاڙوسيءَ کي چيو: ”هن کي مرڻو، تو کي کل!“
تنهن کي پاڙوسيءَ، هيءُ پهاڪو چئي سڻايو.
مطلب هي آهي جو ڪني وهنوار ۾ هٿ جئن تورو تئن چڱو. بلڪ نہ هئي تہ هيڪاري چڱو. (گلشڪر)

۱۱۳. ڪوري، مت توري.
بنياد:
هڪڙي ڪوريءَ، ڪنهن زميندار ڪان قرض ڪنيو هو پر لاهي نٿي سگهيو. زميندار هن کي وٺي پنهنجي ٻنيءَ ۾

قرض ۾ وهايو. پلا ڪوريءَ کي ڪيتيءَ جي ڪهڙي سڌ. تنهن ٻيو ڪم ڪونه ڪيو، رڳو جيڪي سلا هڪ ٻئي ۾ اٽڪيا پيا هئا، سي هٿ سان ڇڏائي ڌار پئي ڪيائين. هن جي ليکي ته؛ هتي به ڪو منجهيل سٽ هو جو سلجهايائين ٿي.
زميندار هن کي ائين وقت وڃائيندو ڏسي، اهو پهاڪو چيو.
مراد ته ڪوري ماڻهو بيعقل آهن.
پيٽيو:
ڪوري چا ڄاڻي ڪباب مان.

۱۱۴. ”ڪُهَر ڪئن؟“ چي؛ ”ان سنوان!“
”موڇڙن سان ڪئن؟“ چي؛ ”جهولي ئي تنهنجي!“

بنياد:
ڪنهن سپاهيءَ هڪڙي ڪوهريءَ کان پڇيو ته؛ ”ڪهر ڪيئن تو ڏين؟“
ڪوهريءَ چيو ته؛ ”ان سنوان! يعني جيترو ان ڏيندين اوترا ڪوهر توري ڏيندوسانءِ.“
سپاهيءَ پادر هٽي چيس ته؛ ”ههڙا تهڙا! اسان عملدارن کي به تو اهي اڳهه ٻڌائين.“
ڪوهريءَ رئڙهارڪو ٿي چيو ته؛ ”مونکي مار نه! ڪوهرن جي جهولي ئي تون کڻ!“
مراد ته موڇڙي سان سيڪو سڌو آهي.
پيٽيو:
پٽ ٻتيهه لڪٽو، موڇڙو چتيهه لڪٽو.

۱۱۵. ڪاٽي ڪچٽي، اونڌا طباق.

بنياد:
هڪڙو مڙس بکائجي گهر آيو. ڏٺائين ته زال گهر ۾ ڪا نه آهي. ڪچٽيءَ جو ڪنو چلهه تي چڙهيل آهي. مٿس طباق اونڌو ٿيو رکيو آهي. طباق لاهي ڏٺائين ته؛ ڪچٽي ڪامي رهي هئي. ايتري ۾ جوٹس ٻاهران اچي پڇيس ته؛ ”ڪي ڪاڏءِ؟“
تنهنکي هي پهاڪو ٻُڌائي، چيائين ته؛ ”ڪايان ڪجاڙو؟“
مطلب ته جا زال گهر جي ڪم ۾ گينوار رهندي، تنهنجي مڙس کي مهل تي ماني به نه ملندي. (گلشڪر)
وڏيڪ سمجهاڻي: جي ڪٽل هوندا آهن، تن لاءِ به چئبو آهي ته؛ ”هنن وٽ آهي چا؟ ڪاٽي ڪچٽي، اونڌا طباق.“

۱۱٦. ڪائڻ لاءِ ڪرو، ڪم مهل ٻرو.

بنياد:
پمونءَ نالي هڪ چوڪر هو. تنهنکي هڪڙي ڏينهن ماٽس سڏ ڪري چيو ته؛ ”پٽ! پما!“
چي: ”جيءُ! منهنجي امان.“
چيائينس ته؛ ”پٽ! پاٽيءَ-دلو ته ڪوهه تان ڀري اچ.“
پمي چيو ته؛ ”امان! دلو ڪٽان! ڪوهه تي وڃان! وري نار ڪاهيان! پوءِ دلو ڀريان! پوءِ به جي پوي ڪري. لڳي نڪري ۽ پوي رت نڪري! پوءِ ڪاڏي وڃان؟“
ماٽس چيس ته؛ ”پلا ڪچٽي رڌي آهي، اها ڪائيندين؟“
چي؛ ”امان! چونه ڪائيندس؟“
تنهن تي ماٽس چيس ته؛ ”ماريا! ڪائڻ لاءِ ڪرو، ڪم مهل ٻرو.“
پيٽيو:
چاڪريءَ چور، نيوالي حاضر.

١١٧. ڪائڻ وير مڙس هاج وير چوڪر

بنياد:

هڪڙي پنجابيءَ، پنهنجي پٽ کي پئي ڪڏايو.

پڇيائينس ته: "نام ڪيا؟"

چي: "شڪر پارا"

"روٽي ڪتني کائي؟"

چي: "دس باره."

"پاني ڪتنا پيئي؟"

چي: "مٽڪا سارا."

"ڪام ڪرني ڪو؟"

چي: "لڙڪا بيچارا."

هڪ سنڌي بار جو هي جواب ٻڌي پهاڪو چيو.

١١٨. ڪلي ماريو ڪيڪو، جنهنجو پورو ٿيو ليڪو.

بنياد:

هڪڙيءَ مائيءَ پنهنجي مرد کي چيو ته: "ٻه چوٿايون چانورن جون، بزار مان وٺي اچ ته ڪچڇي رڌيان."

مرد دل ۾ چيو ته: "بزار جو پنڌ، ٻن چوٿاين چانورن لاءِ ڪريان، تنهن کان ڇهه چوٿايون آڻي ٿو گهر وڃهان ته ٻه ٽي ڏينهن بزار جي پنڌ کان ڇٽي پوندس." هن پوءِ ڇهه چوٿايون چانورن جون آڻي، زال کي ڏنيون.

ٻيو ڏينهن ٿيو ته زال وري چيس ته: "ٻه چوٿايون چانورن جون وٺي اچ."

مرد چيس ته: "اجا ڪالهه ڇهه چوٿايون آنديم!"

تنهن تي زال چيس ته: "توهان آنديون ڇهه چوٿايون. چڙئي چنڊئي ٿيون پنج. هڪ ڏنيم ڏڏ تي، ٻه صبح ٻه سنجهه."

هيءُ جواب ٻڌي، مرد کي ڪل اچي ويئي.

تنهن تي زال چيو ته: "ڪلي ماريو ڪيڪو، جنهن جو پورو ٿيو ليڪو."

کي وري چون ته زال چيس ته: "ڪلي ماريو ڪڳو، جنهن کي ليڪو دل سان لڳو."

اهي ٻئي زنانا پهاڪا آهن. زالون تڏهن کم آٽيندون آهن، جڏهن کو مرد، حساب ۾ پهريائين منجهندو آهي ۽ پوءِ ڏسندو آهي ته: ليڪو پورو نهڪي آيو.

١١٩. ڪٽ خليفا چلي، مائي سليمان حج هلي.

بنياد:

ڪنهن ملڪي پاڙي ۾، مائي سليمان نالي هڪڙي زال هوندي هئي. سا سيڪنهن جي ڳالهه ۾ ڪاهي پوندي هئي. جهيڙا ڪار پڻ هئي.

اتي هڪڙو خليفو هو، سو ڪاري ڪٽي نار ڏي پئي ويو. تنهن سان هيءَ مائي ڪنهن ڳالهه تان اچي اٽڪي. خليفي چيس ته: "جنهن سان تنهن سان تي وڙهين! سڄي پاڙي کي ڪٽي ڪڪ ڪيو اٿئي!"

تنهن تي ڦوڪجي اٿي هلي ۽ چوندي ويئي ته: "پاڙو ئي ڇڏيان ٿي ۽ آءٌ حج وڃان ٿي!"

اهو ٻڌي خليفي جي سنگتيءَ چيو ته: "ڪٽ خليفا چلي، مائي سليمان حج هلي."

مراد ته جهيڙي جو ڪارڻ ٽريو ته پوءِ سيڪو وڃي ڪم کي لڳي. (ڪوڙومل چندن مل)

١٢٠. ڳگر ڳگر پندا اڙيا.

بنياد:

هڪڙي پساريءَ وکڻڻ لاءِ گگر پنڊي ۾ پائي رکيو، جو پنڊي کي چنبڙي پيو. وکري هڻڻ منجهانس پنڊو اڙيو (گلشڪر).
ڪنهن ماڻهوءَ جو هڪواريءَ ڪم ڪجي ۽ هو پوءِ چاکي چٽي، وري وري هڪڙو نه ٻيو ڪم ڪٽي اچي. تڏهن هي پهاڪو چئبو آهي. يا ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان پلؤ اٽڪي جو خفي يا ڪک ڪري، تڏهن به ائين چئبو.
ڏکيا لفظ:
گگر هڪڙي جابلوءَ وڻ جو ڪنئور آهي.

١٢١. گولاڙو، هينان پچي.

گولو معنىٰ ٻانهون ۽ گولاڙو معنىٰ ٻانهي يا غلام جو پٽ. عام طرح ڪمذات ماڻهوءَ کي گولاڙو چئبو آهي.
گولاڙو هڪڙو جهنگلي ڦول جو ميوو به آهي جو ڳاڙهي رنگ جو ٽيندو آهي. اهو ميوو ٻين ميون کان ابتڙ يعني هينان پچندو آهي. يعني پهريائين هيٺ پچيس. تنهن ڪري اهو پهاڪو چيو اٿن.
جڏهن ڪنهن کي هينان متان ٻاهه لڳندي آهي، تڏهن ائين چوندا آهن. اڪثر نيچ ماڻهوءَ سان اهو لڳائبو آهي.
ڏکيا لفظ:
هينان متان ٻاهه لڳڻ معنىٰ ڪاوڙ لڳڻ.

١٢٢. گيان ڌيان وهان رها، جهان رهي جتي.

بنياد:
هڪڙي هنڌ، ڪتا ٽي، ڏاڍا ماڻهو اچي مڙيا. ڪتا ڏاڍي گيان ۽ رس پريم هئي. ٻڌنڙن کي ڏاڍو آنند پئي آيو. انهن ٻڌنڙن مان، هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي سنگتيءَ جو خيال، ڪتا ۾ نه ڏسي، پڇيس ته: ”تنهنجو من ڪٽي پيو وسي؟“
هن چيو ته: ”جتي ٻاهر لاهي آيو آهيان! ڌپ اتم ته اها ڪو ڪٽي نه وڃي.“
تنهن تي سندس سنگتيءَ ائين چيو.

١٢٣. ڳالهين سنديون ڳالهيون، ٽڪي سندا موٺ.

موٺ هڪڙي سادي جنس ان جي آهي، جا گهٽو ڪري گهوڙا کائن.
بنياد:
هڪڙو ماڻهو ڪنهن ڪيپ تي ٽي ويو. تنهن کي هڪڙي مائٽ پاڻ لاءِ سوکڙي پاکڙي آڻڻ جو چيو. پر پيسو ڪو نه ڏنائينس. ٻئي مائٽ ٽڪو هٿ ۾ ڏيئي چيس ته: ”هن ٽڪي جا موٺ آڻج.“
جڏهن هو وري آيو، تڏهن ٻئي ملڻ لاءِ آيس ۽ پڇيائونس. جنهن رڳو وات سان چيو هوس، تنهن کي سوکڙين جي نه ملڻ جون ڪوڙيون سچيون ڳالهيون ڪري ٻڌايائين. ٽڪي واري کي، موٺ ڪڍي ڏنائين.
تڏهن هڪڙي سالڪ هي پهاڪو چيو.
يعني جو ڪم ناڻي ڏني چٽي، سو ڳالهين سان ڪاٽي چٽندو.
جهڙو فارسي پهاڪو آهي: ”زر کار کند مرد لاف زند“ يعني ناڻو ڪم ڪري، مڙس ٻٽاڪ هڻي. (گلشڪر)
جڏهن ڪنهن کي ڪو ڪم چئجي ۽ هو نه ڪري اچي، تڏهن ائين چئبو. انهيءَ معنىٰ سان ته تو کي پئسا نه ڏنم تڏهن تو منهنجو ڪم نه ڪيو.

١٢٤. گهٽو ڏاريم اُن کي، هٿان چري ڪپاهه.

اصل هندي: گادر آني اُن کو، ٻئني چري ڪپاس.
بنياد:
هڪڙي ماڻهوءَ، اُن ڪڍ ڪرڻ لاءِ، هڪ گهٽو ڏاريو هو. هڪ لڳا، اهو گهٽو چنائي اٿي پيگو ۽ مالڪ جي وونئڻ جي پوک وڃي چرڻ لڳو. تنهن تي مالڪ ائين چيو.
جيڪڏهن گهر ۾ ڪو نوڪر بيهارجي ۽ اهو، ڪم هاج برابر ڪرڻ بدران، رڳو زيان ڪري ته ائين چئبو. يا جنهن

فائدي لاءِ کو ڪم ڪجي، پر انهيءَ ڪم مان اهو گهربل فائدو نه ٿئي مورڳو ڇيهو پوي، تڏهن ائين چئبو.

١٢٥. لالچ بري بلا

بنياد:
هڪڙو درويش واٽ ونيو پئي ويو. هڪ دڪاندار سڏ ڪري، پنهنجي دڪان تي ويهاريس. سرڏا وچان، ماکيءَ جو هڪ پيالو پري، شربت ناهي تي پيارائينس. جيستائين دڪاندار پاٽي پري، تيستائين ڪيترين مکيون اچي ماکيءَ تي مڙيون. ڪي ته پيالي ۾ پئجي مري ويئون. تنهن تي هن درويش چيو ته:

مکي ٻئني شهد پر، پنک گئي لپٽاءِ،
هاٿ ملي اؤر سر ڌوني، لالچ بري بلاءِ.

مٿيون پهاڪو انهيءَ سلوڪ جي، پوئين تڪ آهي.
مراد ته لالچ ڏاڍي بڇڙي شيءِ آهي.

١٢٦. لک ڪتيا ڏومڙيءَ، جو ڏوم سلامت آيا.

بنياد:
هڪڙو ڏوم، ڪرت ڪار لاءِ پرڏيهه ويو. پرپٺ جوڙس ٻڌو ته: ”مري ويو آهي“.
هو مئو هڏهين ڪين هو. ٿورن ڏهاڙن ڪانپوءِ، جيئندو جاڳندو وري آيو. پر پيسو ڪمائي ڪونه آيو. تڏهن هڪڙيءَ ساهيڙيءَ جوڙس کي چيو ته: ”مڙسهن ڏينهن گهڻا لاتا، جو ڪتي ڪين آيو؟“
تنهنجي ورنديءَ ۾ هي پهاڪو چيائين.
ملڪ جي رواج پٽ-اندر مطلب هيءُ آهي ته جو واپار يا ڌنڌو، ڪتيو ڪٽي نه ڪري ۽ سک سان موڙي سلامت بچي، ته به شڪر ڪري گهرجي. جو جاڻ لک ڪتيا. (گلشڪر)
نوٽ: هنديءَ ۾ چوٽي آهي ته: ”بجادي ڪنيا ڊولڪي! ميان خير سي آئي.“ ان جو بنياد به مٿئين پهاڪي جهڙو آهي.
ٻئي ساڳيءَ طرح ڪم آڻيندا آهن.
ڏکيا لفظ:
ڏومڙي معنيٰ لنگهي، ڏوم يعني لنگهو.
ڪتيو معنيٰ منافعو.

١٢٧. لکيون لهارن ڪي، چڙن ۾ چٽنگون.

بنياد:
هڪڙي لهر، لوهه تائڻ مهل چمڙو اڳيان نه رکيو، تنهن ڪري باهه جون چٽنگون ڪانچ ۾ لڳيس ۽ ڪانچ سڙي پيس. فقير هڪڙي هيءُ حال ڏسي اهو پهاڪو چيو. (گلشڪر)

١٢٨. مالڪ وجن ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وجن غوطا ڪائيندا.

اصل هندي: ”مدعي مدعا اليه ناؤ مين، شاهد تيرتي جاوين“.
بنياد:
ٻن شاهوڪارن جو پاڻ ۾ ڪو تڪرار ٿيو. سي وڃي آخر ڪورٽ ۾ پيا. جن ماڻهن کي انهيءَ معاملي جي ذاتي خبر هئي، تن کي به ڪورٽ شاهديءَ ۾ گهرايو. پتڻ لانگهائو پنڌ هو. هو ٻئي دريون. هو ٻئي ڏريون، پيسا ڏيئي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيون. شاهد ويچارا غريب هئا، سي مولهاٽا ٻڌي پاٽيءَ ۾ گهڙيا ۽ غوطا کائڻ لڳا. ڪنهن ماڻهوءَ اهو حال ڏسي، ائين چيو.
سمجهاڻي: ڪنهن به معاملي ۾ هڪڙي ڌر ڪٽيندي ۽ ٻي هارائيندي. وچ ۾ شاهدي غوطا ڪائيندا ته ڪورٽ الاجي کهڙا سوال پڇي. انهيءَ اٽڪ وچان، هنن جو سک وڃيک ڦٽندو آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو ٽبيءَ ۾ پوندو آهي،

تڏهن ائين چئبو آهي.
ڏکيا لفظ:
ناؤ معنيٰ ٻيڙي.

١٢٩. مُٺ پيڙيائي پلي، جي اپٽي تہ نکو لاءِ نکو ساءُ.

بنياد:
هڪ لڱا شاهہ عبدالڪريم بلڙيءِ واري سان گڏ، ڪي مريد هوا. انهن مان هڪڙي هُو هُو جو ذڪر ڪري ضرب هنئي. سيد شاهہ ڪريم ڪي، هن جو آواز ٻڌي ڏاڍي ٻجان لڳي. چيائينس تہ: "هي ڇا آهي! انهيءَ مان اهو مطلب آهي تہ ٻيا جيڪي حاضر آهن، تن ڪي ذڪر ڪونهي ۽ انهن ڪي تو ٻڌائين."
ٻئي دفعي وري چيائين تہ: جيڪڏهن ڪنهن شخص تي الله جي عنايت مخفي طرح ٿئي تہ انهيءَ ڪي گهرجي تہ اها ڳجهي رکي. ظاهر نہ ڪري. انهن ٻنهي موقعن تي، هيءُ بيت چيائين.

مٺ پيڙيائي پلي، جي اُپٽي تہ واءُ،
پٽر وڏي ڳالهڙي، ڇڏي ويئي ساءُ. (شاهہ)

(رسالو ڪريمي)

پانڌجي تو تہ مٿيون پهاڪو، انهيءَ بيت مان ناهيو اٿن.
پيٽيو: ٻاٻا پلي، ڍڪي پلي.

١٣٠. مري نہ ميهار، تہ وڳ ولهو ئي نہ ٿئي.

هي پهاڪو شاهہ جي رسالي جي هيٺين بيت جي پهرين سِٽَ مان ناهيو تو ڏسجين.

مري تان م ميهار، وڻان ولهو م ٿئي،
وڇن جي وچار جو، ونگو ٿئي م وار،
ساهڙ مون سينگار، ماٺهن ليکي مهٽو.

هي پهاڪو هن معنيٰ سان ڪم آڻبو آهي تہ وڏا مائٽ، پنهنجي عقل سان گهر هلائين ٿا. انهن جي وئي ڪانپوءِ، گهر جو حال، ابتر ٿيو پوي.
پيٽيو: ڏٽيءِ ريءِ، ڏڻ سڃو.
ڏکيا لفظ:
ولهو معنيٰ سڃو، سکڻو.

١٣١. مڙس تہ ڏاڙهي، نہ تہ ٻيا رڳا ڏاڙهہ.

بنياد:
ڪنهن مسلمان هڪ واڻئي کان بہ سئو رپيا اُڌارا ورتا. ان جي عيوض پنهنجي ڏاڙهيءَ جو هڪ وار ڇاٽي، واڻئي وٽ رکيائين.
ٻين ڪن ٻي معتبرن جو ٻڌو تہ: "هن کي ڏاڙهيءَ جي وار تي هيترا پئسا مليا آهن." سي بہ واڻئي وٽ ويا. چوڻ لڳس تہ: "اسين تو ڪي هڪ وار بدران، ڏاڙهيءَ جا ويهہ ٽيهہ وار ٿا ڏيون، تون اسان کي هيترا نہ هيترا پيسا اُڌارا ڏي."
واڻئي چين تہ: "ويهہ ٽيهہ ڇو ٿا ڏيو. سڄي ڏاڙهي ڪٽي ڏيو تہ بہ پائي ڪين ڏيندو سانوَ."
هاڻ انهيءَ تان، جو ماڻهو سخن جو سچو هوندو آهي، تنهنجي نالي ائين چوندا آهن. (جوت- ۴ نومبر ١٩٠٩ع)

١٣٢. مفت جو شراب، قاضيءَ کي بہ حلال.

اصل هندي: مفت کي شراب، قاضي ڪو ڀي حلال.
بنياد:

ڪن ماڻهن تاڙي وينئي پيتي. هڪ قاضي، اوڏيءَ مهل وٽان اچي لانگهائو ٿيو. تنهن کان پڇيائون ته: ”تاڙي پيئندين؟“
قاضيءَ چيو ته: ”مون وٽ پئسو ڪونهي. تنهن ڪانسواءِ شراب پيئڻ، واجب به نه آهي.“
هنن چيس ته: ”پئسي جو خيال نه ڪر! اسين ٿا تو کي پنهنجن پئسن تي پيارئون.“
قاضيءَ چيو ته: ”تڏهن ترسو ته پٽ کي به وٺي اچان! جو هن ڪانسواءِ مون کي ڪي ڪين ڳيسندو.“
انهيءَ تان هنديءَ واري چيو ته: ”مفت ڪي شراب، قاضي کو پي حلال.“
جڏهن ڪنهن کي مفت جو مال، اڻ سهائيندي رستي ملندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

۱۳۳. مڱڻ ڏاندي، ڪارڙي تاندي،
مڱ پچي، ڪارڙو نچي،
مڱ لٿو، ڪارڙو مئو.

ڪارڙو: هڪ ننڍڙو جيت آهي، جنهن جو چڪ آهي جو جڻ ته سئيءَ يا تاندي جي چٽڪ لڳي. ڪارڙو، مڱڻ جي پوک سنئون پيدا ٿيندو آهي، تنهنڪري ائين چيو اٿن.
ڏکيا لفظ:
لٿو معنيٰ لُبيو، لُڻيو، لٽيو ويو.

۱۳۴. مون پانيو درويش، پر بازن کان ئي بچڙو.
بنياد:
ڪنهن پکيءَ جي پنيان اچي ڪو باز پيو. پکي ويچارو گهڻو ئي اڏاڻو پر باز پچر ئي نه ڇڏيس. آخر ڪنهن وڻ هينان، هڪ فقير وينل ڏسي، اهو پکي وڃي سندس شرن پيو. چيائينس ته: ”مونکي هن باز کان بچاءِ!“
فقير به ڪو ٻن ٽن ڏينهن جو بکايل هو. تنهن امالڪ گردن کان جهلي، حلال تي ڪيس. پکيءَ چيس ته: ”فقير! آءٌ باز کان هن ڪري تي پڳس ته متان مونکي چنبو هني ماري. پر تون ته باز کان به وڌيڪ بچڙو چئبين، جو مونکي سجو ئي ڳڙڪائڻ تو گهرين.“
پکيءَ هي بيت چيو:

پُليس پسي ويس، نا ته وڻ ٻيا به هوا ويجهڙا،
ڦناءِ فقيريءَ جو، لاهي ڇڏ لبيس،
مون پانيو درويش، پر بازن کان ئي بچڙو.

جيڪي ازرق فقير يا اندر-ٻهريا هوندا آهن، تن سان هي پهاڪو لڳائبو آهي.

۱۳۵. ناٽو جهڙي تاو سان گهرجي، تهڙي تاو سان نڪري.
بنياد:
مير صاحبن جي راڄ ۾، حسن شاهه سيد، تحصيلداريءَ جو ڪم ڪندو هو. ان ڏهاڙن ۾ هڪڙي هاريءَ ڏي رپيو رائر جو هو. تنهن کان مان-ياءَ سان گهري ٿڪو، ته نه ڏنائين. نيٺ ڊرتيءَ ۾ ڏرا ڪٽائي، تنهن ۾ سنديس ٻانهون پوري، اُس ۾ وهاريائينس. تڏهن منجهانئس مس ستو ٿيو. يعني پٽڪي ۾ رپيو ٻڌل هوس، سو چوڙي ڏنائين.
تڏهن ٻين چيس ته: ”رپيو ساڻُ هوندي، هيتري مار چو تي کاڌئي؟“
چي: ”ڙي يار! رپيو به ائين ته نه جاٽي ته ڪنهن گيديءَ جي هڙ ۾ هوس.“
سالڪ هڪڙي، سيد کي چيو ته: ”توري ناٽي لاءِ ايترو مارڻ نه گهربو هو.“
تنهن کي اهو پهاڪو چئي ٻڌايائين.
حاصل ڳالهه جو: ناٽو هڙان چوڙڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. (گلشڪر)
پيٽيو:

1- ڏيڻ ۽ ڏيھ چڏڻ، ڏاڍو ڏکيو آھي.
ڏکيا لفظ:
رائر معنيٰ ڊل.

١٣٦. واڙيءَ بارھن، ھٽ انارھن، گھر ويٺي چوويھ.
اصل ھندي: باري مين باره آمہ، ھٽي ۾ اناره آمہ.
ھنديءَ وارو انبن جي ڳالھ ٿو ڪري. پر سنڌيءَ ۾ واڱڻن تان اھا ڳالھ آھي.
بنياد:
ھڪڙو ماڻھو، واڙيءَ ۾ ويو. اتي واڱڻن جو اگھ پڇيائين. ھنن چيس تہ: ”پئسي جا بارھن واڱڻ.“
ھن پوءِ بازار ۾ وڃي ڪنھن ھٽ تان پڇا ڪئي. چيائونس تہ: ”پئسي جا ارڙھن واڱڻ.“
ھن کي اھي بہ مھانگا لڳا. سو ماٺ ڪري گھر ويو. ڪنھن مھل ڪو گھوررڙيو واڱڻ وڪڻڻ لاءِ سندس پاڙي ۾ آيو. ان کان پئسي جا واڱڻ وٺي ڳڻي ڏٺائين تہ چوويھ ٿيا. تڏھن کلي اھو پھاڪو ڏنائين.
ھن پھاڪي مان اھو مطلب ٿو نڪري تہ: گھر ويٺي ڪا شيءِ وڪامڻ ايندي تہ سستي ملندي پر اھا ساڳي جي پنھنجيءَ خوشيءَ، ڪٿان وڃي ڳنھبي تہ مھانگي ملندي. (روچيرام گجو مل)
پيٽيو: ڪنئيءَ وٽ جو، ملھ ڪونھي.
ڏکيا لفظ:
ڪنئي وٽ معنيٰ زيور يا ڪا بي شيءِ جا گھر مان ڪٽي پاھر وڪڻڻ وڃجي.

١٣٧. ور راڄ: برھ راڄ،
پٽ راڄ: ميچ راڄ.
اصل پنجابي: خاوند راڄ، بلند راڄ، پوت راڄ، دوت راڄ.
پائنجي ٿو تہ اھا ڳالھ پنجاب پاسي ٿي ھئي جو اتي جا ماڻھو ھي پھاڪو چوندا آھن.
بنياد:
ڪنھن مائيءَ، پنھنجي مرد جي صاحبيءَ ۾ ڏاڍو فرحت ۾ وقت ڪاٽيو ھو. مرد جي چالاڻي ڪانپوءِ، ھوءَ پنھنجي پٽ ۽ ننھن جي پناري پيئي. پٽ جي ڏاڍي مرضي ھئي تہ: ”آءٌ ماءُ کي سُکي رکان.“
پر سندس زال کي اھا ڳالھ نہ پيئي وٽندي ھئي. ھو اجا چوندو ھو تہ: ”ماءُ کي ھيءَ ڪي ھيءَ شيءِ يا پيسا ڏيان.“
زال اشارو ڪندي ھيس تہ: ”نہ ڏينس!“
ھڪڙي ڏينھن ھن مائيءَ، پنھنجي ننھن جو اھڙو اشارو ڏسي ائين چيو.
مراد تہ پنھنجي مڙس جو راڄ، اھڙو آھي جھڙو رام ۽ سيتا جو راڄ. جن برھ جي ڏينھن ايوڌيا ۾ راڄ ڪمايو.
پنھنجي پٽ جو راڄ، سو آھي ميچ ۽ اشاري جو راڄ. يعني پٽ، پنھنجي زال جي اشاري تي ھلندو.

١٣٨. وھڻ منديو ئي ناھ، دلو پچي نار کي.
بنياد:
دلوراءِ، جنھنجي نگري ناس ٿي ويئي، تنھن ھڪ لڱا ٻڌو تہ: ”ھڪ حسين عورت ٻيڙيءَ ۾ چڙھي پئي وڃي.“
ھن يڪدم پنھنجن ماڻھن کي حڪم ڪيو تہ: ”اھا عورت وٺي اچو.“
زال کي جڏھن اھا خبر پيئي، تڏھن ھن ڏٽيءَ کي سوال ڪيو تہ: ”مونکي دلوراءِ کان بچاءِ!“
ڏٽي اھڙو ستار جو، جھٽ درياھ ور ڪائي، دلوراءِ جي نگريءَ کان گھڻ پري وھڻ لڳو. جنھن ڪري دلوراءِ جا ماڻھو ھن عورت جي ٻيڙيءَ کي پھچي ڪين سگھيا. گھڻ مھل ڪانپوءِ دلوراءِ پنھنجي ماڻھن کان پڇيو تہ: ”ھوءِ عورت آئي؟“
سندس ماڻھن چيو تہ: ”قبلا! خود درياھ ئي ڪونھي تہ پوءِ عورت وري ڪيئن ايندي؟“

انهيءَ ڳالھ تان اهو پهاڪو چيائين.
اهو ڪتب تڏهن آڻبو آهي، جڏهن ڪو ماڻهو اڻ هوندي ڳالھ جي اميد رکندو آهي.
پيٽيو: رن منڊيئون ئي نہ نهي، جمعي رات تو وهانءُ ٿئي.

١٣٩. هارئي ڪان، پيٽو پلو.

بنياد:
هڪڙو ماڻهو شربت جي ٻتي ڪٽي تي ويو. اوچتو ڏڪو ڪاڏائين. جنهن ڪري ٻتيءَ کي چير پيو ۽ شربت وهڻ لڳو. هيڏي هوڏي نهاريائين، تہ ٻيو باسڻ ڪو نہ ڏٺائين، جنهن ۾ شربت لاهي. تڏهن ويچار ڪيائين جو گهر ويندي تائين سڀ وهي ويندو. تڏهن مانڙي ڪري پي ۽ هي پهاڪو چيائين. (گلشڪر)
مراد تہ ڪا شيءِ هارجي پوي يا ٻيءَ طرح زيان ٿي وڃي، تنهن ڪان ڪم آڻي ڇڏجي تہ اهو چڱو آهي.

١٤٠. هٿ جنين جو هيئن، پهرين پٽڻ سي لنگهن.

بنياد:
هڪ لڳا، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ مدن ڀڳت، ڪنهن پاسي گهمڻ ٿي ويا. پنڌ پٽڻ لانگهائو هون. جڏهن درياءَ تي ويا، تڏهن ڏسن جو پاتڻي پهريون پور ڪديو ٿو وڃي. مدن ڀڳت پاتڻيءَ کي هڪل ڪري چيو تہ: ”ٻيڙي وراءِ تہ اسين بہ پهرئين پور ۾ هلون.“
پاتڻيءَ چيو تہ: ”موننس ڪين! توهان ترسو! توهان کي ٻئي پور ۾ وٺي هلندس!“
مدن ڀڳت چوي تہ: هلون تہ پهرين پور ۾. هن پوءِ پاتڻيءَ کي ٻيڻو، ٽيڻو ڀاڙو باسيو پر پاتڻي مڙيئي نہ. پوءِ تہ پنج رپيا آڇيائينس. پاتڻي ناٽي تي هرڪي ٻيڙي ورائي آيو ۽ هنن کي پهرين پور ۾ وٺي ويو.
تنهن تي ماڻهن ائين چيو.
مراد تہ هٿ چوٽ ڇڏبو تہ ڪم اڻ-پچو ٿيندو.
ڏکيا لفظ:
هٿ هيئن معني سنئون يا کليل هٿ جو سنئين ڏيڻ لاءِ تيار هجي.

١٤١. يارن ڪهڙا ليکا.

بنياد:
هڪ لڳا شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪنهن گوشائتي هنڌ ويني تسبيح پڙهي. اوچتو، اتان بہ زالون اچي لانگهائو ٿيون. جن مان هڪڙيءَ ٻيءَ کان پڇيو تہ: ”تنهنجي آشنا تو کي ڇا موڪليو ۽ تو ڇا موڪليس؟“
زال وراڻي ڏني تہ: ”يارن سان ڪهڙا ليکا؟“
شاهہ لطيف هي جواب ٻڌي چيو تہ: ”افسوس! جو مونکي هنن زالن جيترو بہ عقل ڪونهي. جو آءٌ الله سائين جو ذڪر ڪندو هڪ هڪ داڻو ڦيريندو وتان. اهو بہ ٿيو هڪڙو ليکو.“
هن پوءِ تسبيح ڪري ڦٽي ڪئي.
مراد تہ جن سان هينئون ڳنڍيل هجي يا جي گهرا دوست هجن، تن سان تڪا مدا نہ پائجن.
پيٽيو: حسابِ دوستان، در دل.
ڏکيا لفظ:
تسبيح پڙهي معنيٰ مالها ڦيري.

١٤٢. يڪ نہ شد، دو شد.

بنياد:
هڪڙي ماڻهوءَ کي ڪنهن شخص تي منتر سيکاريا. هڪڙو منتر اهڙو هو جو جيڪڏهن پڙهجي تہ ميو ماڻهو

جيبرو ٽي پوي. ٻيو منتر اهڙو هيو جو جيڪڏهن پڙهجي ته جياريل مردي سان ڳالهائي سگهجي. ٽيون منتر اهڙو هيو جو جياريل مردي کي وري ماري سمهاري ڇڏجي.

هڪ لڳا، انهيءَ ماڻهوءَ کي، ڪنهن پنهنجي فوتي عزيز ۾ ڪم پيو. هن پهريون منتر پڙهي هن کي جياريو. ٻيو منتر پڙهي، هن کان ڳالهه ٻولهه پڇيائين. پر ٽيون منتر وسري ويس. تنهنڪري سندس عزيز پوٽ ٽي اچي پنيان لڳس. هن شخص جو اُستاد جنهن منتر سيکاريا هئس سو به ڪو مري ويو هو. هي ڊوڙي ان جي قبر ڏي ويو. پهريون منتر پڙهي، استاد کي قبر مان اُٿاريائين. ياڳن کي وري ٻيو منتر وسري ويس. تنهن ڪري استاد به پريت ٽي پنيان لڳس. (فئلن)

ڪنهن تي هڪڙي تهمت ثابت نه ٿيندي آهي ته بي رڪندا اٿس. يا جڏهن ڪو پاڻ کي هڪڙي آزار کان ڇٽائڻ جي ڪندو آهي ۽ وچائين ٻيو آزار جاڳي پوندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.